سال (18) جمعو 28 آگسٽ 2026ع 14 ربيع الاول 1448ھ صفحا 6 - ملھ 30 رپيا شمارو (335)

THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
ھڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) جمعو 28 آگسٽ 2026ع 14 ربيع الاول 1448ھ صفحا 6 - ملھ 30 رپيا شمارو (13)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

Friday 28th August 2026

سنڌ جي ورهاست قبول نہ ڪنداسين، صوبي جي مستقبل جو فيصلو عوام جي مرضيءَ سان ٿيندو: وڏو وزير

سنڌ اسيمبلي ڇهن مختلف موقعن تي صوبي جي ورهاست خلاف قراردادون منظور ڪري چڪي آهي. سنڌ جي وحدت خلاف هر قدم، ڪي چونڊيل ايوان ۽ عوام جي خواهشن موجب رد ڪيو ويندو

صوبي جي مستقبل بابت منهنجي خواهش يا ڪنهن ٻئي جي ذاتي پسند ڪا اهميت نٿي رکي، ملن سنڌ اسيمبلي، چونڊيل نمائندن ۽ سنڌ جي عوام. اڳيان جوابده آهيان. آخري فيصلو به عوام ئي ڪندو

مقامي حڪومتن کي وڌيڪ اختيار، انتظامي صلاحيت، احتساب ۽ بهتر سروس ڊليوري سان مضبوط بڻائڻ پيپلز پارٽي جي جو منشور آهي. اختيار هيٺين سطح تائين منتقل ڪرڻ جو عمل جاري رکيو ويندو

پاڪستان ۾ صحت جي سهولتن ۽ سروس ڊليوري کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ جي ضرورت آهي. پمز اسلام آباد حادثي تي متاثر خاندانن سان دلي همدردي آهي. صحت جا چيلينج قومي نوعيت جا آهن پر سنڌ بابت اُٿيئي ذميواري پوري ڪنداسين

ڪيٽي بندر ڊيپ سي پورٽ شهيد بينظير ڀٽو جو پراڻو خواب آهي. سنڌ حڪومت صدر آصف علي زرداري ۽ بلاول ڀٽو زرداري جي رهنمائيءَ ۾ منصوبي کي عملي شڪل ڏيڻ لاءِ پرعزم آهي

بدلجندڙ عالمي واپاري صورتحال ۾ ڪيٽي بندر تي جديد اونهي سمنڊ واري بندرگاھ جي اهميت وڌي وئي آهي. منصوبو نہ سنڌ ۽ پاڪستان لاءِ گيم چينجر بڻجي معاشي ترقي کي نئين رفتار ڏئي سگهي ٿو

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي/ راهب ڳاھو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاھ خميس ڏينهن سنڌ جي ورهاست بابت ڪنهن بہ تجويز جي سخت مخالفت ڪندي ان ڳالهہ کي ورجايو آهي تہ صوبي جي مستقبل جو فيصلو رڳو اتان جي عوام جي مرضيءَ سان ٿيندو ۽ چيو تہ سنڌ اسيمبلي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2



ڪراچي: وڏو وزير مراد علي شاھ سپريم ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي اڳواڻن سان ملاقات ڪري رهيو آهي

پمز اسپتال ريسڪيو آپريشن ۾ ڪا بہ ڪوتاهي ناهي ڪئي وئي: طلال چوڌري

ريسڪيو جو عملو وقت سر پهتو ۽ پنهنجا فرض بهترين انداز ۾ ادا ڪيا: مملڪتي وزير

اسلام آباد (آئي پي پي) گهرو معاملن واري

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر وقتي صدر جون ذميواريون سنڀالي ورتيون

اسلام آباد (آئي پي پي) قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر سردار اياز صادق صدر

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

سڄي ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ 3500 رپين جي گهٽتائي رڪارڊ

اسلام آباد (آئي پي پي) سڄي ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ 3500 رپين جي گهٽتائي سان في تولو سون 4 لک 83 هزار 36

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

پمز سانحو: سينيٽ ڪميٽي پمز اسپتال انتظاميا مان غيرمطمئن، ڊاڪٽرن جي معطلي ۽ وفاقي وزير کان استعيفيٰ جو مطالبو

پمز اسپتال ۾ ٻارن جي نرسري ۾ باهہ ڪيئن لڳي؟ واقعي وقت ڊيوٽي تي عملو موجود هو يا نہ؟ غفلت ڪنهن جي؟ ذميوار ڪير؟ ان ڳالهہ جي خبر اڃا نہ پئجي سگهي

ايئر ڪنڊيشنر مان باهہ لڳي، پر اڄ خبر پئي تہ اي سي تہ ڪم ئي نہ پئي ڪري. سي سي ٽي وي مان بہ اها خبر نہ پئجي سگهي تہ باهہ ڪيئن لڳي: ڊاڪٽر مهيش

ننڍين ٻارن کي نئين بلاڪ واري نرسري ۾ رکڻ گهرجي. هلهہ پمز اسپتال ۾ ئي اجلاس گهرائڻ جو فيصلو ڪيو آهي. پي ٽي آءِ جي سينيٽرن کي بہ اجلاس ۾ شرڪت جي دعوت

اسپتال انتظاميا باهہ لڳڻ واري واقعي جي جاچ لاءِ پروفيسر ڊاڪٽر عاطف انعام جي سربراهي ۾ 4 رڪني ڪميٽي جوڙي ڇڏي. ڪميٽي کي 48 ڪلاڪن اندر رپورٽ پيش ڪرڻ جي هدايت

پمز جي هيلٿ مئنيجمينٽ عملي کان بہ پڇا ڳاڇا. پمز انتظاميا 26 آگسٽ تي ڊيوٽي تي موجود عملي جو روسٽر ڪميٽي حوالي. فائر برگيڊ ۽ ايمرجنسي ڊپارٽمينٽ پنهنجيون رپورٽون پيش

اسلام آباد (م د) صحت بابت سينيٽ جي قائم ڪميٽي اسپتال جي عملي ۽ انتظاميا جي جوابن تي بي اطميناني جو اظهار ڪندي واقعي وقت ڊيوٽي تي موجود ڊاڪٽرن ۽ عملي کي معطل ڪرڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو جڏهن تہ وفاقي صحت واري وزير مصطفيٰ ڪمال کي بہ اخلاقي بنيادن تي استعيفيٰ ڏيڻ جو مشورو ڏنو ويو. پمز اسپتال جي دوري ڪانءِ ڊاڪٽر مهيش

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: صحت بابت پارلياماني اسٽينڊنگ ڪميٽي جو سربراهہ مهيش ڪمار ملاڻي پمز اسپتال جي دوري دوران ميڊيا سان ڳالهائيندي

سيرت النبي ﷺ سموري انسانيت لاءِ رحمت، عدل، شفقت ۽ امن جي ابدي روشني آهي: بلاول ڀٽو زرداري

انسانيت جي حقيقي ڀلائي حضور ﷺ جي اسوه حسنہ تي عمل ڪندي مظلومن سان گڏ بيهڻ ۾ آهي

اسان نبي ڪريم ﷺ جي مبارڪ زندگي ۽ عظيم ڪردار مان رهنمائي حاصل ڪرڻ جي ضرورت آهي

قوم کي اخوت، رواداري، حسنِ سلوڪ ۽ انسانيت جي خدمت جي عزم جي تجديد ڪرڻ گهرجي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري 12 ربيع الاول 1448ھ جي بابرڪت موقعي تي قوم ۽ سموري امت مسلم کي نبي آخرالزمان حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي ولادت باسعادت جي مبارڪباد پيش ڪئي آهي. بلاول ڀٽو زرداري چيو تہ سيرت النبي ﷺ سموري انسانيت لاءِ رحمت، عدل

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

محسن نقوي ايف آءِ اي زونل آفيس لاهور جو دورو ڪيو

انساني اسمگلنگ، هنڊي، ڌوهاري گينگز خلاف ڪارروايُن جو جائزو

لاهور (آئي پي پي) گهرو معاملن واري وفاقي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۾ سعودي سيڙپڪارن جي دلچسپي تعريف جوڳي آهي: ناڻي وزير

ملڪ ۾ سيڙپڪاريءَ ۾ واڌ لاءِ سيڙپڪارن کي سهولتن جي فراهمي جاري رکنداسين: محمد اورنگزيب

نجي شعبي جي شموليت کي مضبوط بڻائڻ ۽ سيڙپڪاريءَ تي ٻڌل اقتصادي ترقي کي هٿي وٺرائڻ لاءِ ڪيل ڪوششن جي حمايت جاري رکنداسين

غسان آمودي حڪومت سان مسلسل رابطن کي ساراهيو ۽ پاڪستان ۾ وڌيڪ سيڙپڪاريءَ لاءِ آسياد گروپ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو

اسلام آباد (آئي پي پي) ناڻي ۽ محصولن واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب چيو آهي تہ حڪومت مالياتي نظم ۽ ضبط، ڍانچي جاتي سڌارن پائيدار سيڙپڪاري ۽ نجي شعبي جي قيادت ۾ ترقي ۽ اوسر لاءِ سازگار ماحول پيدا ڪرڻ تي ڌيان ڏنو آهي. پاڪستان ۾ سعودي سيڙپڪارن جي دلچسپي تعريف جوڳي آهي. ملڪ ۾ سيڙپڪاريءَ ۾ واڌ لاءِ

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

منگهوپير ٽائون ۾ جشن عيد ميلادالنبي ﷺ جي شاندار ريلي ڪڍي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) 12 ربيع الاول عيد ميلاد النبي ﷺ جي بابرڪت ۽ روح پرور موقعي تي منگهوپير ٽائون ۾ عقيدت ۽ احترام سان ريلي ۽ جلوس جو اهتمام

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ڪي بہ ڳالهيون نہ پيون ٿين: وائيٽ هائوس

صدر ٽرمپ جي اولين ترجيح آهي تہ ايران ائٽمي هٿيار حاصل نہ ڪري

آمريڪي بحريہ آبنائي هرمز جي مڪمل ساموندي ناڪابندي ڪندي، ايران مان بارودي سرنگون هٽائي ڇڏيون

واشنگٽن (م د) وائيٽ هائوس واضح ڪيو آهي تہ هن وقت آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ تڪرار ختم ڪرڻ يا ڪنهن نئين معاهدي تائين پهچڻ جي مقصد سان ڪي بہ سڌا سڌا ڳالهہ ٻولهہ نہ پيا ٿين بين الاقوامي

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين هٿياربند فوجن ۽ سيڪيورٽي فورسز سان گڏ آهيون: مراد علي شاهہ

ڏکڻ وزيرستان، بنون ۽ خضدار ۾ آپريشنز ۾ 11 دهشتگرد مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

دهشتگردي خلاف جنگ ۾ اسان جي فوج هميشہ بهادري، پيشہ ورانہ مهارت ۽ عزم جو مظاهرو ڪيو آهي

امن جي مڪمل بحالي تائين سموري قوم هٿياربند فوج ۽ سيڪيورٽي ادارن سان گڏ بيٺل آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وڏي وزير سنڌ سيد مراد علي شاھ خيبرپختونخوا ۽ بلوچستان ۾ دهشتگردن خلاف ڪامياب انٽيليجنس بيسڊ آپريشنز تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪندي 11 دهشتگردن کي انجام تائين پهچائڻ تي سيڪيورٽي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

وفاقي وزير جو ڪم اسپتال سنڀالڻ نہ هجڻ گهرجي: مصطفيٰ ڪمال

وزيراعظم سان فائر سيفٽي ۽ عملي جي تربيت سميت ڪيترن ئي معاملن تي ڳالهايو

احتساب لاءِ سڀ کان پهريان پاڻ کي وزيراعظم آڏو پيش ڪيو آهي، هو فيصلو قبول ڪندس

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وفاقي صحت واري وزير مصطفيٰ ڪمال چيو آهي تہ پمز اسپتال ۾ 14 ٻارن جي فوتگين جو

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

پمز اسپتال وير جا نوان ڪيس ڪٽڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو

گنجائش کان وڌيڪ مريض رکي نٿا سگهجن: ڊائريڪٽر رانا عمران

نرسري ۾ مجموعي طور 50 بيڊ هئا، جيڪي هاڻي گهٽجي 35 رهجي ويا آهن

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پمز اسپتال

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

پاڪ فوج ڪويتي فوج کي تربيت ۽ سرحد جي حفاظت لاءِ مدد فراهم ڪندي: معاهدي تي صحيحون

ٻنهي ملڪن پنهنجي دفاعي تعاون کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ 'پروٽوڪول معاهدو 2026' تي صحيحون ڪيون

ڪويت جي دفاع واري وزير شيخ عبدالله جي سربراهي ۾ وفد راولپنڊي ۾ وزير دفاع خواجہ آصف سان ملاقات ڪئي

نئون معاهدو 2023 جي دفاعي تعاون واري معاهدي تحت قائم فوجي تعاون جي موجوده دائري ڪار کي وڌيڪ وسيع ڪندو

اسلام آباد (م د) پاڪستان ۽ ڪويت جي وچ ۾ دفاعي تعاون جو هڪ نئون معاهدو طئي ٿي ويو آهي. ٻنهي ملڪن پنهنجي دفاعي تعاون کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ 'پروٽوڪول معاهدو 2026' تي صحيحون ڪيون آهن ڪويت جي دفاع واري وزير شيخ عبدالله علي عبدالله السالم الصباح جي سربراهي ۾ هڪ اعليٰ سطحي وفد

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: پاڪستان ۽ ڪويت جي وچ ۾ دفاعي تعاون جي نئين معاهدي تي صحيحون ڪيون پيون وڃن

ساموندي معاملن واري وفاقي وزير پاران پمز ۾ باهہ لڳڻ واري واقعي تي افسوس جو اظهار

اسلام آباد (آئي پي پي) ساموندي معاملن واري وفاقي وزير جنيد انوار چوڌري پمز ۾

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

حضرت بابا بلي شاھ جي 269 هين سالياني عرس جون ٽن ڏينهن واريون تقريبون باقاعده شروع ٿي ويون

قصور (آئي پي پي) عظيم شاعر حضرت بابا بلي شاھ جي 269 هين سالياني عرس جون ٽن ڏينهن واريون تقريبون باقاعده

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

فيلڊ مارشل جو ايران دورو ٽرمپ يا آمريڪا جي نمائندي طور نہ هو: پرڏيهي معاملن وارو ترجمان

ايراني اختيارين سان علائقي ۾ ڇڪتاڻ جي خاتمي ۽ ڳالهين ذريعي حل ڳولڻ بابت ڳالهيون ڪيون ويون

وزيراعظم بشڪيڪ ۾ ايس سي او ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪندو جتي هو بہ طرفيون ملاقاتون پڻ ڪندو

پاڪستان جون ڪوششون علائقي ۾ امن ۽ استحڪام قائم ڪرڻ ۽ آبنائي هرمز کي بيهر کولڻ لاءِ راهہ هموار ڪرڻ لاءِ آهن

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پرڏيهي معاملن واري وزارت جي ترجمان چيو آهي تہ فيلڊ مارشل عاصم منير جو ايران جو دورو صدر ٽرمپ يا آمريڪا جي نمائندي جي حيثيت سان نہ هو رپورٽ موجب اسلام آباد ۾ هفتيوار بريفنگ دوران ترجمان چيو تہ وزيراعظم بشڪيڪ ۾ ايس سي او

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2



راولپنڊي: ڪويت جي دفاع واري وزير شيخ عبدالله ۽ وزير دفاع خواجہ آصف جو معاهدي بعد فوجي اڳواڻن سان گڏ گروپ فوٽو

بلوچستان جي 9 انتهائي گهربل دهشتگرد عورتن جي سِرن جي قيمت مقرر

گهربل عورت دهشتگردن بابت معلومات فراهم ڪندڙن کي 10 کان 15 لک رپين تائين انعام ڏنو ويندو

سچائپ ۾ مدد ڪندڙ يا انهن بابت اطلاع ڏيندڙ ماڻهن جي سڃاڻپ مڪمل طور ڳجهي رکي ويندي

ڪوئيٽا (مانيٽرنگ ڊيسڪ) بلوچستان حڪومت 9 انتهائي گهربل عورت دهشتگردن بابت معلومات فراهم ڪرڻ تي انعام مقرر ڪري ڇڏيو ميڊيا معاملن بابت گهرو معاملن واري معاون وزير بابر يوسفزئي موجب گهربل عورت دهشتگردن بابت معلومات فراهم ڪندڙن کي 10 کان 15 لک رپين تائين انعام ڏنو ويندو بابر

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2



ڪوئيٽا: بلوچستان حڪومت پاران انتهائي گهربل عورت دهشتگردن جون جاري ڪيل تصويرون

پيٽروليم مصنوعات جي آمدني واپار ۾ جولاءِ دوران ماهوار ۽ ساليانو بنيادن تي گهٽتائي رڪارڊ

اسلام آباد (آئي پي پي) پيٽروليم مصنوعات جي آمدني واپار ۾ جولاءِ دوران ماهوار ۽ ساليانو بنيادن تي گهٽتائي رڪارڊ ٿي آهي انگن اکرن واري سرڪاري

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2



ڪراچي: دي روڊ ٽو لبرٽي جي تقريب جي موقعي تي اڳواڻن جو ورتل گروپ فوٽو

سنڌ ۾ گهر، روڊ، بجلي ۽ بنيادي سهولتن جا منصوبا تيزي سان مڪمل ٿي رهيا آهن: شرجيل ميمڻ

صوبي ۾ 5 سالن دوران 5636 ڪلوميٽر روڊ تعمير ڪيا ويندا، 1018 ارب جي ترقياتي بجيٽ

ٿرڪول مان 3240 ميگاواٽ بجلي ڪئي ويندي، ٻوڏ متاثرن لاءِ 21 لک گهرن جو منصوبو تاريخي آهي

حڪومت رڳو دعويٰ ناهي ڪندي پر عملي قدم ٿي سنڌس ڪارڪردگي جو اعلان آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي تہ سنڌ ۾ روڊ ٺهي رهيا آهن، گهر ٺهي رهيا آهن، بجلي پيدا ٿي رهي آهي ۽ صوبو تيزي سان اڳتي وڌي رهيو آهي سنڌ حڪومت رڳو دعويٰ ناهي ڪندي پر آن نون ترقياتي رڪائون ۽ عملي قدم پاڻ ئي سنڌس ڪارڪردگي جو اعلان آهن. مالي سال 2025-26 جي لاءِ سنڌ جو ترقياتي پروگرام 1018 ارب رپيا رکيو ويو آهي جنهن ۾ 3642 اسڪيمون شامل آهن. سنڌ جي ترقياتي بجيٽ ۽ ترقياتي عمل

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

بلوچستان ۾ گيس فراهمي بهتر بڻائي چوري جي خاتمي لاءِ قدم کنيا وڃن: علي پرويز ملڪ

وفاقي وزير جي صدارت هيٺ ايس ايس جي سي ايل اجلاس ۾ انتظامي معاملن جو جائزو ورتو ويو

گيس ڊسٽريبيوشن سسٽم ۾ بهتري ۽ يو ايف جي ۾ 57 سيڪڙو گهٽتائي بابت بريفنگ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وفاقي وزير پيٽروليم علي پرويز ملڪ جي صدارت هيٺ سوئي سدرن گيس ڪمپني لميٽيڊ (ايس ايس جي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

مصطفيٰ عامر قتل ڪيس: سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران جلد فيصلو ڪرڻ جي هدايت

ٽرائل ڪورٽ رپورٽ ۾ جوابدار ارمغان ۽ سندس وڪيل کي دير جو ذميوار قرار ڏئي ڇڏيو

ڪيس جي ٻڌڻي دوران عدالت جوابدارن کان 22 سيپٽمبر تائين جواب طلب ڪري ورتو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ مصطفيٰ عامر قتل ڪيس جي ٽرائل ۾ مبينا دير ۽ جوابدارن پاران ٽرائل کي ڏگهو

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد پمز اسپتال ۾ باهہ سبب قيمتي جانين ضايع ٿيڻ ڏکوئيندڙ واقعو آهي: شرجيل ميمڻ

معصوم ٻارڙن جي فوت ٿيڻ تي اسان سندن وارثن جي غم ۾ برابر جا شريڪ آهيون

اسپتال ۾ علاج هيٺ زخمين جي جلد صحتيابي ۽ مڪمل شفا لاءِ دعاگو آهيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ پمز اسپتال اسلام آباد ۾ باهہ لڳڻ جي افسوسناڪ واقعي تي

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد ۽ ٽنڊي الهيار جي اهم شخصيتن جي سنڌ جي وڏي وزير ۽ آءِ جي سان ملاقات

ڪراچي ۾ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاھ ۽ آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڊو سان اهم ملاقات

ملاقات ۾ اڳوڻي گروپ ايگزيڪيوٽو الائيڊ بينڪ عبدالمالڪ يوسفاڻي، سيد حاجن شاھ ۽ آغا تاج محمد جي شرڪت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) حيدرآباد ۽ ٽنڊي الهيار ضلعن جي اهم شخصيتن جي هڪ تفصيلي ملاقات تازو ئي ڪراچي ۾ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاھ ۽ سنڌ جي انسپيڪٽر جنرل جناب جاويد عالم اوڊو

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2



ڪراچي: حيدرآباد ۽ ٽنڊي الهيار ضلعي سان واسطو رکندڙ اهم شخصيتون آءِ جي جاويد عالم اوڊو ۽ وڏي وزير مراد علي شاھ ملاقاتون ڪري رهيون آهن

پمز سانحو: 14 ٻارڙن جا لاش بنا سڃاڻپ جي وارثن حوالي،رڳو هڪ ٻار کي بچايو ويو

پمز اسپتال جي نرسري ۾ صبح 6 لڳي 45 منٽن تي ايئر ڪنڊيشنر جو ڪمپريسر ڦاٽڻ سبب باهہ لڳي

باهہ لڳڻ وقت نرسري ۾ 15 ٻار موجود هئا، جن مان رڳو هڪ ٻار کي بچايو ويو هو، 14 ٻار فوت ٿي ويا

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پمز اسپتال سانحي ۾ فوت ٿيل 14 ٻارن جا لاش وارثن حوالي ڪيا ويا. ڪالهہ اسلام آباد جي پمز اسپتال جي گائني وارڊ جي نرسري ۾ باهہ لڳڻ سبب 14 نون ڄاول ٻار سڙي فوت ٿي ويا هئا. ريسڪيو ذريعن موجب پمز اسپتال جي نرسري ۾ صبح 6لڳي 45 منٽن تي ايئر ڪنڊيشنر جو ڪمپريسر ڦاٽڻ سبب باهہ لڳي هئي اسپتال اختيارين جو چوڻ آهي تہ باهہ لڳڻ وقت نرسري ۾ 15 ٻار

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

پمز سانحو: پي ٽي آءِ پاران حڪومت تي تنقيد، نظام ۾ تبديلي جو مطالبو

صحت ۽ تعليم جو نظام غريبن لاءِ مسئلن جو شڪار آهي: سلمان اڪرم راجا

27 سيپٽمبر تي يوم جمهوريت ملهائڻ ملهايو ويندو، سياسي جدوجهد جاري رکڻ جو عزم

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي سيڪريٽري جنرل بئريسٽر سلمان اڪرم راجا چيو آهي تہ پمز اسپتال اسلام آباد ۾ نون ڄاول ٻارن جي فوت ٿيڻ واري سانحي تي اڄ اسان جا دل ڏک سان

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

وفاقي گهرو وزير پاران خيبرپختونخواهہ ۽ بلوچستان ۾ ڪامياب آپريشنز تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

اسلام آباد (آئي پي پي) گهرو معاملن بابت وفاقي وزير محسن نقوي خيبرپختونخواهہ ۽ بلوچستان ۾ فتنہ الخوارج ۽ فتنہ الهندستان جي دهشتگردن خلاف ڪامياب ڪارروائين تي سيڪيورٽي فورسز کي زبردست خراج تحسين پيش ڪيو آهي

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

فنڪشنل ليگ اڳواڻ سردار حنيف لاڏائو ڪري ويو، سياسي اڳواڻن جو تعزيتون

مرحوم جي نماز جنازه ۾ سياسي، سماجي ۽ مذهبي شخصيتن جي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

سنڌ جي گورنر ۽ وڏي وزير ۽ ٻين پاران سردار عبدالرحيم ۽ خاندان سان تعزيت جو اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي سيڪريٽري جنرل سردار عبدالرحيم، سردار امين، سردار

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

پمز سانحو انتهائي ڏکوئيندڙ آهي، شفاف جاچ ڪرائي وڃي: آصفہ ڀٽو زرداري

اسپتال ۾ باهہ لڳڻ سبب نون ڄاول ٻارن جي فوت ٿيڻ دل انتهائي ڏکوئيندڙ واقعو آهي

متاثر خاندانن سان ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون، زخمين جي صحتيابي لاءِ دعاگو آهيون ٿا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) خاتون اول آصفہ ڀٽو زرداري جو پمز اسپتال ۾ باهہ لڳڻ سبب نون ڄاول ٻارن جي فوت ٿيڻ تي ڏک جو

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ آمريڪي قونصل خاني پاران آزاديءَ جي سفر تي ٻڌل نمائش جو افتتاح ڪيو ويو

لنڪن ڪارنر "روڊ ٽو لبرٽي، آزاديءَ جو ڏڳ" نمائش شروع، آمريڪا جي 250 سالن جي تاريخ اجاگر

نمائش ۾ شاگردن ۽ نوجوانن لاءِ تاريخي شخصيتن، بنيادي قدرن ۽ تعليمي موقعن بابت معلومات فراهم

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاھو) آمريڪي قونصل خاني ڪراچي پاران لنڪن ڪارنر ڪراچي ۾ هڪ جديد، تعليمي، معلوماتي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ مختلف بار ايسوسيئيشنز جي عهديدارن ۽ وڪيل اڳواڻن ملاقات ڪندي

ڪراچي اين آءِ سي ايڇ ۾ فائر سيفٽي انتظام ناقص، ايمرجنسي رستا بند هجڻ جو انڪشاف

اسپتال ۾ خراب فائر ايڪسٽنگوشرز ۽ تربيت جي کوٽ بابت رپورٽون سامهون اچي ويون

ڊائريڪٽر ايمرجنسي ايگزٽ بند هجڻ جي تصديق ڪري ڇڏي، فائر ڊرل ۽ عملي جي تربيت بابت نوان قدم کڻڻ جو اعلان

گذريل 6 سالن دوران اين آءِ سي ايڇ ۾ باهہ لڳڻ جا 2 وڏا واقعا پڻ پيش اچي چڪا آهن: ذريعا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) قومي اداري براءِ صحتِ اطفال (اين آءِ سي ايڇ) ۾ فائر سيفٽي جي ناقص انتظامن جو انڪشاف ٿيو آهي ذريعن موجب ٻارن جي سڀ کان وڏي سرڪاري اسپتال ۾ ايمرجنسي ايگزٽ

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

جتوئي پائرن خلاف 8 ڪيسن جي ٻڌڻي، ڪارروائي 24 سيپٽمبر تائين ملتوي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) نيشنل پيپلز پارٽي (اين پي پي) جي سربراهہ غلام مرتضيٰ جتوئي ۽ مسرور جتوئي انسداد دهشتگردي عدالت پهچي ويا، جڏهن تہ جتوئي پائرن جا

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

سنڌ لوڪل گورنمينٽ ڪميشن جو اجلاس، مسئلن ۽ ٽيڪس معاملن تي غور ويچار

صوبائي وزير ناصر شاھ جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ مختلف معاملن جو جائزو ورتو ويو

عوام کي بهتر بلدياتي سهولتون پهچائڻ ۽ مڪاني ادارن کي مضبوط بڻائڻ جون هدايتون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي مڪاني ادارن واري وزير ناصر حسين شاھ جي صدارت هيٺ صوبائي لوڪل گورنمينٽ

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

نيپال ۾ کهري ٻوڏ جي تباهي، فوتين جو انگ 362 ٿي ويو، سوين ماڻهو اڃا گم

500 کان وڌيڪ سياح گم آهن، جن جي ڳولا لاءِ متاثر علائقن ۾ امدادي ڪارروايون جاري

گم ٿيل ماڻهن ۾ 142 ڀارتي، 54 آمريڪي، 34 آسٽريليائي 33 برطانوي، 24 ڪينيڊين، 17 ملائيشيائي ۽ 53 يوڪريني شهري شامل

کٽمنڊو (مانيٽرنگ ڊيسڪ) نيپال ۾ ٻوڏ سبب فوت ٿيلن جو انگ 362 ٿي ويو آهي جڏهن تہ 500 کان وڌيڪ سياح گم آهن جن جي ڳولا لاءِ متاثر علائقن ۾ امدادي ڪارروايون جاري جڏهن تہ سوين ماڻهو اڃا تائين گم آهن نيپال جي ضلعي راسووا ۾ گذريل ڏينهن اوچتو آيل ٻوڏ جي تيز وهڪري سبب فوت

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ عيد ميلادالنبي ﷺ جو عظيم الشان اجتماع، 15 هزار ماڻهن جي شرڪت

برڪاتي فائونڊيشن ۽ HMR Waterfront جي سهڪار سان نمائش چورنگي کان نيو ميمڻ مسجد تائين اجتماع منعقد ڪيو ويو

علماءِ ڪرام، نعت خوانن، ديني مدرسن جي شاگردن، ڪاروباري اداري، ڪاروبار، پاڪستان، انجنيئرن ۽ مختلف شعبن مان لاڳاپيل ماڻهن جي وڏي انگ ۾ شرڪت

سيرت النبي ﷺ، سنت رسول ﷺ تي عمل، امن، محبت، اتحاد ۽ ڀائيچاري کي هٿي ڏيڻ تي مقررين جو زور

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ حاجي محمد رفيق پرديسي (HMR) پاران عظيم الشان عيد ميلاد النبي ﷺ جو اجتماع

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2



ڪراچي: برڪاتي فائونڊيشن پاران عيد ميلاد النبي ﷺ جي اجتماع ۾ شريڪ اڳواڻن جو گروپ فوٽو

وڏي وزير پاران ڪراچي ۾ وڪيلن لاءِ هاسٽل قائم ڪرڻ لاءِ سهڪار جي خاطري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاھ خميس ڏينهن سپريم ڪورٽ بار ايسوسيئيشن آف پاڪستان (SCBAP) جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي کي يقين

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ جانورن جي صحت، ويڪسين ۽ تحقيق لاءِ جديد مرڪز قائم ڪرڻ جو اعلان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاھ خميس ڏينهن سنڌ انسٽيٽيوٽ آف اينيمل هيلٿ (SIAH) ڪورنگي ۾ جديد سهولتن جي هڪ

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ ڊپٽي ڪمشنرن کي متروڪ وقف ملڪيتن جا ايڊمنسٽريٽر مقرر ڪيو ويو

ضلعي سطح تي ملڪيتن جي نگراني ۽ تحفظ جا اختيار ڊي سيز حوالي ڪيا ويا

سمورن ڊي سيز کي متروڪ وقف پراپرٽيز بابت ڪميٽيون جوڙڻ جا اختيار پڻ ڏنا ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت سمورن ڊپٽي ڪمشنرن کي سندن لاڳاپيل ضلعن جو ايڊمنسٽريٽر مقرر ڪرڻ جو

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

جماعت اسلامي ميڊيا سيل جو اڳواڻ سميع الله ڀٽو لاڏاڻو ڪري ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميڊيا سيل جماعت اسلامي سنڌ جو اڳوڻو ڪارڪن جرا پبلڪ اسڪول سکر جو ڪمپيوٽر آپريٽر سينيئر اڳواڻ اسدالله ڀٽو جو ڀائيٽيو ۽ جماعت

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ اسٽريٽ ڪرائم جاري، ڦورن جي فائرنگ ۾ سبزي فروش مارجي ويو

نيو ڪراچي ۾ مزاحمت تي 26 ورهين جي عمران کي گولي هڻي قتل ڪيو ويو

هلندڙ سال ڦرن دوران 48 شهري مارجي چڪا، شهرين پاران صورتحال تي ڳڻتي جو اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) نيو ڪراچي 5 نمبر ۾ ڦورن جي فائرنگ سبب سبزي فروش مارجي ويو جڏهن تہ پوليس موجب هلندڙ

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ويجهو سپر هاءِ وي تي حادثو، معصوم ٻار سميت 2 ڄڻا فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سپر هاءِ وي تي قائم خانگي هائوسنگ سوسائٽي ۾ ٽريفڪ حادثي دوران معصوم ٻار سميت 2 ڄڻا

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ موسمياتي تبديلي کي منهن ڏيڻ لاءِ 6.4 ارب ڊالر سيڙپڪاري گهربل آهي: ماهر

ڪراچي ۾ ٿيل صوبائي ڪانفرنس دوران توانائي، پاڻي، زراعت ۽ ماحولياتي شعبن بابت غور ويچار

موسمياتي تبديلي جي اثرن کي منهن ڏيڻ لاءِ بروقت قدم نہ کنيا ويا تہ وڏ معاشي نقصان ٿيندو: ماهر

قابل تجديد توانائي، مني گرڊ ۽ موسمياتي فنانسنگ لاءِ نئين حڪمت عملي جي سفارش

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پارٽنرز ان ڊيولپمينٽ اينڊ ڪنسلٽنسي جي هڪ نئين مطالعي مان ظاهر ٿيو آهي تہ سنڌ کي 2035 تائين موسمياتي تبديلي جي اثرن کي منهن ڏيڻ ۽ توانائي جي شعبي جي ضرورتن کي پورو

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: پمز اسپتال ۾ باهہ ۽ ٻار جي صحت وارڊ جي ٻاهران سيڪيورٽي اهلڪار اچي رهيا آهن

Daily Ibrat Karachi

بقايا 1 روزاني عبرت

مملڪتي وزير طلال چوڌري چيو آهي ته اسلام آباد جي انتظاميه پمز اسپتال ريسڪيو آپريشن ۾ ڪا به ڪوتاهي ناهي ڪئي ريسڪيو جو عملو وقت سر پهتو ۽ پنهنجا فرض بهترين انداز ۾ ادا ڪيا، انتظامي طور بظاهر ڪا به ڪوتائي نظر ناهي آئي گيٽ چو بند هئا ۽ ڊاڪٽر ڪٽي هئا، ان جو جواب اسپتال انتظاميه ڏيندي انهن خيالن جو اظهار هن پمز ۾ باهه لڳڻ جي واقعي کان پوءِ پمز جي دوري جي موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو هن چيو ته مان ڪنهن جي به فيور ۾ ناهيان اسپتال جي هر ڪنڊ ۽ روڊ تي ڪيمرائون لڳل آهن هر هڪ وٽ ڪيمرا واري فون آهي ڪو به غلط بياني نٿو ڪري سگهي هن چيو ته انڪوائري کان پوءِ جزا ۽ سزا جو عمل شروع ٿيندو ايمرجنسي جا دروازا چو بند هئا ۽ اتي ڪيترا ڊاڪٽر ۽ نرسون موجود هيون انهن سمورن سوالن جا جواب جاچ رپورٽ ۾ سامهون ايندا هن واضح ڪيو ته ريسڪيو ٽيمون دير سان ناهن پهتيون پر 6 منٽن اندر اندر پهتيون هيون هن چيو ته باهه کان پوءِ ريسڪيو آپريشن شروع ڪيو ويو جنهن جي نگراني خود وفاقي گهرو وزير محسن نقوي ڪندو رهيو هن چيو ته اسپتال ۾ پيش آيل واقعي جي جاچ لاءِ ڪميٽي جوڙي وئي آهي جنهن جي انڪوائري مڪمل ٿيڻ کان پوءِ جزا ۽ سزا جو عمل شروع ڪيو ويندو هن چيو ته اسلام آباد انتظاميه ريسڪيو آپريشن ۾ ڪا به ڪوتاهي ناهي ڪئي ۽ سموريون ريسڪيو ٽيمون اطلاع ملڻ جي 6 منٽن اندر اسپتال پهتيون آهن ريسڪيو آپريشن مڪمل ڪيو ويو آهي جڏهن ته ان جي رپورٽ وزيراعظم ۽ گهرو وزير کي موڪلي وئي آهي هن چيو ته انتظامي طور تي بظاهر ڪا به ڪوتاهي نظر ناهي آئي جڏهن ته ايمرجنسي جا دروازا چو بند هئا، ڊاڪٽر ڪٽي هئا ۽ اتي ڪيترا ڊاڪٽر ۽ نرسون موجود هئا انهن سمورن سوالن جا جواب انڪوائري رپورٽ ۾ سامهون ايندا هن چيو ته ٻارن جا لاش وارثن حوالي ڪيا ويا آهن ريسڪيو آپريشن مڪمل ڪيو ويو آهي ۽ ان جي رپورٽ وزيراعظم ۽ گهرو وزير کي موڪلي وئي آهي ان واقعي جي جاچ لاءِ ضلعي انتظاميه به ڪميٽي جوڙي آهي جڏهن ته وزيراعظم پاران به ڪميٽي جوڙي وئي آهي جيڪا واقعي جي رپورٽ پيش ڪندي

بقايا 2 روزاني عبرت

ڪمار چيو ته ڪالهه ٻڌايو ويو هو ته ايئر ڪنڊيشنر مان باهه لڳي پر اڄ خبر پئي ته اي سي ته ڪم ئي نه پئي ڪري سي سي ٽي وي مان به اها خبر نه پئجي سگهي ته باهه ڪيئن لڳي ظاهري طور ته ائين لڳي رهيو آهي ته نرسن کي ويهاري هڪ بيان ياد ڪرايو ويو. مهيش ڪمار واقعي جي پاڻ جاچ ڪرڻ جو اعلان ڪندي چيو ته نرسري 1990ع ۾ ٺاهي وئي هئي ننڍن ٻارن کي نئين بلاڪ واري نرسري ۾ رکڻ گهرجي ها. صحت بابت سينيٽ جي قائم ڪميٽي سومر ڏينهن پمز اسپتال ۾ ٿي اجلاس گهرائڻ جو فيصلو ڪيو آهي جڏهن ته پي ڪي آءِ جي سينيٽرن کي به اجلاس ۾ شرڪت جي دعوت ڏني وئي آهي پمز جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر اخلاقي بنيادن تي استعيفي ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو جڏهن ته اسپتال انتظاميا باهه لڳڻ واري واقعي جي جاچ لاءِ پروفيسر ڊاڪٽر عاطف انعام جي سربراهي ۾ 4 رڪني ڪميٽي جوڙي ڇڏي آهي ڪميٽي کي 48 ڪلاڪن اندر رپورٽ پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. نوٽيفڪيشن موجب ڪميٽي باهه لڳڻ جي اصل سبب ۽ فائر سيفٽي جي انتظامن جو جائزو وٺندي، جڏهن ته ريسڪيو آپريشن جي اثرائتي ۽ ريسپانس ٽائيم جي به جاچ ڪئي ويندي واقعي جي ذميوارن جو تعين ڪري انهن خلاف سخت ڪارروائي جي سفارش پڻ ڪئي ويندي پمز جي ڊپٽي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر ڊاڪٽر عنيزه جليل به ڪميٽي جي ميمبر آهي ڊاڪٽر عنيزه جليل اڄ ئي وزيراعظم پاران جوڙيل ڪميٽي آڏو پنهنجو بيان قلمبند ڪرايو هو جڏهن ته ڊاڪٽر عنيزه پاڻ ئي پمز جي تحقيقاتي ڪميٽي جي نوٽيفڪيشن تي صحيح ڪئي. پمز جي هيلٿ مئنيجمينٽ عملي کان به پڇا ڳاڇا ڪئي وئي پمز انتظاميا 26 آگسٽ تي ڊيوٽي تي موجود عملي جو روسٽر ڪميٽي حوالي ڪري ڇڏيو جڏهن ته فائر برگيڊ ۽ ايمرجنسي ڊپارٽمينٽ پنهنجيون رپورٽون پيش ڪيون. پمز جي جوائنٽ ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر سميت 4 آفيسرن ڪميٽي آڏو لکت ۾ بيان جمع ڪرايا. ڪميٽي 48 ڪلاڪن اندر عبوري تحقيقاتي رپورٽ وزيراعظم کي پيش ڪندي

بقايا 3 روزاني عبرت

شفقت ۽ امن جي ابدي روشني آهي هن چيو ته حضور اڪرم صه جو پيغام زمان ۽ مڪان جي حدن کان مٿاهون آهي جڏهن ته انسانيت جي حقيقي ڀلائي حضور صه جي اسوه حسنه تي عمل ڪندي مظلومن سان گڏ بيهڻ ۾ آهي پيپلز پارٽي چيئرمين چيو ته حضور اڪرم صه جي تعليمات جي روشنيءَ ۾ ڪمزور ماڻهن جو ساٿ ڏيڻ عفو ۽ درگذر کان ڪم وٺڻ ۽ هر انسان جي وقار ۽ حقن جو احترام ڪرڻ ئي انسانيت جي ڀلائي جو رستو آهي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته قوم نبي ڪريم صه جي مبارڪ زندگي ۽ عظيم ڪردار مان رهنمائي حاصل ڪندي اخوت، رواداري، حسن سلوڪ ۽ انسانيت جي خدمت جي عزم جي تجديد ڪري. هن دعا ڪئي ته الله تعاليٰ وطن عزيز ۽ امت مسلم کي باهمي هم آهنگي، خوشحالي ۽ دائمي امن عطا فرمائي بلاول ڀٽو زرداري وڌيڪ دعا ڪئي ته الله تعاليٰ اسان سڀني کي حضور اڪرم صه جي اسوه حسنه کي پنهنجي انفرادي زندگي ۽ اجتماعي ڪردار ۾ اپنائڻ جي بصيرت ۽ توفيق عطا فرمائي

بقايا 4 روزاني عبرت

وزير محسن نقوي ايف آءِ اي زونل آفيس لاهور جو دورو ڪيو ۽ اجلاس جي صدارت ڪئي اجلاس ۾ ايف آءِ اي زونل آفيس جي اپ گريڊيشن پراجيڪٽ، انساني اسمگلنگ، حوالا هنڊي، ڏوهاري پيشيور گينگز خلاف ڪارروايون سميت ٻين معاملن جو جائزو ورتو ويو ايف آءِ اي ترجمان موجب گهرو وزير محسن نقوي ايف آءِ اي زونل آفيس جي اپ گريڊيشن پراجيڪٽ تي اڳڀرائي جو جائزو وٺندي منصوبو جلد مڪمل ڪرڻ جي هدايت ڪئي هن انساني اسمگلنگ ۽ حوالا هنڊي ۾ ملوث مافيا خلاف موثر ڪارروائي جا حڪم جاري ڪندي چيو ته انساني اسمگلنگ ۽ حوالا هنڊي مافيا جي سڄي چين کي قانون جي گرفت ۾ آندو وڃي. وفاقي وزير چيو ته ڏوهاري پيشيور گينگز خلاف ڀرپور ڪريڪ ڊائون ايف آءِ اي جي ذميواري آهي ان سلسلي ۾ عملي نتيجا نظر اچڻ گهرجن ايف آءِ اي آفيسرن ۽ عملي کي هر ممڪن سهولتون ۽ وسيلا فراهم ڪري رهيا آهيون ۽ وڌيڪ به ڪنداسين. اجلاس ۾ سڄي ملڪ جي ايئرپورٽس تي اميگريشن ڪائونٽرز تي لڳايل پراڻين ڪئميرائن کي تبديل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو جڏهن ته جديد ترين ٽيڪنالاجي وارين ڪئميرائن لڳائڻ جي اصولي منظوري به ڏني وئي شڪايت جي داخلا لاءِ پاڪ آءِ ڊي ايپ جون خدمتون حاصل ڪرڻ جو به اصولي فيصلو ڪيو ويو. ايف آءِ اي جي زونل آفيس لاهور جي ڊائريڪٽر اجلاس کي اپ گريڊيشن پراجيڪٽ تي اڳڀرائي ۽ ڪارڪردگي بابت بريفنگ ڏني. بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته گذريل هڪ سال دوران 1670 ايف آءِ آرز داخل ڪيون ويون جڏهن ته 5 هزار انڪوائريون مان 4 هزار انڪوائريون اڪلايون ويون ان دوران 295 اشتهاري جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو اجلاس ۾ ڊي جي ايف آءِ اي، ايف آءِ اي زونل آفيس لاهور جي ڊائريڪٽر ۽ سمورن سرڪل انچارجز شرڪت ڪئي

بقايا 5 روزاني عبرت

فورسز جي پيشه ورانه صلاحيتن کي ساراهيو آهي پنهنجي بيان ۾ وڏي وزير سنڌ چيو ته سيڪيورٽي فورسز بروقت انٽيليجنس جي بنياد تي ڪارروايون ڪري دهشتگردن جا ناپاڪ ارادا ناڪام بڻايا آهن هن چيو ته ڏکڻ وزيرستان بنون ۽ خضدار ۾ فتنه الخوارج ۽ فتنه الهندستان جي دهشتگردن خلاف ڪامياب ڪارروايون ساراهه جوڳيون آهن سيد مراد علي شاهه چيو ته سيڪيورٽي فورسز جي بهادر جوانن دهشتگردن جو موثر طريقي سان پيڇو ڪري کين عبرتناڪ انجام تائين پهچايو وڏي وزير چيو ته دهشتگردن خلاف ڪارروايون دوران عوام جي جان ۽ مال جو تحفظ يقيني بڻائڻ سيڪيورٽي فورسز جي بهترين حڪمت عملي آهي هن چيو ته دهشتگردي خلاف جنگ ۾ سيڪيورٽي فورسز جي بهادر جوانن جون قربانيون قوم لاءِ فخر جو سبب آهن سيد مراد علي شاهه چيو ته وطن مان دهشتگردي جي ناسور جي مڪمل خاتمي تائين اسان پنهنجي هٿيار بند فوجن ۽ سيڪيورٽي فورسز سان گڏ بيٺل آهيون هن چيو ته پوري قوم دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پاڪ فوج ۽ سيڪيورٽي فورسز سان متحد آهي وڏي وزير سنڌ چيو ته دهشتگردي خلاف جنگ ۾ اسان جي فوج هميشه بهادري، پيشه ورانه مهارت ۽ عزم جو مظاهرو ڪيو آهي سيد مراد علي شاهه وڌيڪ چيو ته دهشتگردي جي مڪمل خاتمي ۽ ملڪ ۾ پائيدار امن لاءِ سيڪيورٽي فورسز جي هر قرباني قوم هميشه ياد رکندي

بقايا 6 روزاني عبرت

جو وسيع حجم اوليتن جو چٽو ثبوت آهي هڪ بيان ۾ سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته گذريل پنجن ورهين دوران سنڌ ۾ 5636 ڪلوميٽر روڊ تيار ڪيا ويا، جڏهن ته 1460 مختلف ترقياتي رٿائون مڪمل ڪيون ويون آهن سنڌ جي ترقي جو سڀني کان وڏو ثبوت آهي سهولتون آهن جيڪي سنڌي ريت عوام کي ملي رهيون آهن صحت ۽ بنيادي سهولتن جي ميدان ۾ سنڌ حڪومت جي ڪاوشن جو اعتراف سڄي دنيا ۾ ڪيو پيو وڃي هن چيو ته ٻوڏ متاثرن جي لاءِ 21 لک پڪن گهرن جي تعمير جو منصوبو دنيا ۾ رليف ۽ بحالي جي حوالي سان هڪ بيمثال قدم آهي هن چيو ته ٿرڪول منصوبي مان پيدا ٿيندڙ 3240 ميگا واٽ بجلي قومي گرڊ ذريعي سڄي ملڪ جي عوام کي ڏني وئي وڃي جڏهن ته ونڊ ۽ سولر سميت ڪيترائي قابل تجديد توانائي جا منصوبا به قومي گرڊ جو حصو بڻجي چڪا آهن آبپاشي جي شعبي ۾ 3675 واهن جي لائيننگ جون رٿائون مڪمل ڪيون ويون آهن جنهن جي نتيجي ۾ 5880 ڪيوسڪ پاڻي جي بچت ٿي آهي سنڌ جو پي پي پي پورٽ فوليو 2010 ۾ لڳ ڀڳ 5 ارب رپين کان وڌي 2024 ۾ 700 ارب رپين کان وڌي چڪو آهي جڏهن ته 142 ارب رپين جا منصوبا هن وقت جاري آهن شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ پنهنجي وسيلن کي قومي ترقي کي سگهه بخشڻ جي لاءِ استعمال ڪيو آهي مخالف جيڪڏهن ترقي جو حساب گهرن ٿا ته اسان سياسي تقريرن بدران انگ اکر پيش ڪريون ٿا، ڇاڪاڻ ته سنڌ جي ترقي حقيقتن انگن اکرن ۽ عملي رٿائن مان عيان آهن هن چيو ته سنڌ جي ترقي ڪنهن هڪ شهر يا طبقي جي ترقي نه پر پوري ملڪ جي عوام جي ترقي آهي سنڌ جا وسيلا توانائي انفرا اسٽرڪچر ۽ مختلف خدمتن سان پوري پاڪستان جا ماڻهو بنا ڪنهن فرق جي لاڀ ماڻي رهيا آهن

بقايا 7 روزاني عبرت

سي ايل) جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ اداري جي ڪارڪردگي، انتظامي معاملن ۽ گيس شعبي ۾ جاري سڌارن جو جائزو ورتو ويو. اجلاس کي خطاب ڪندي وفاقي وزير پيٽروليم علي پرويز ملڪ ايس ايس جي سي ايل بورڊ کي اداري جي پائيداري وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۽ انتظامي چئلينجز ختم ڪرڻ لاءِ موثر قدم کڻڻ جي هدايت ڪئي علي پرويز ملڪ چيو ته گيس سبسڊي جي موجوده نظام ۽ قيمتن جي مختلف سليبس تي نظرثاني جي ضرورت آهي. جڏهن ته سمورن صارفين لاءِ منصفاڻي ۽ هڪجهڙي گيس قيمت واري نظام ڏانهن منتقلي ضروري آهي هن چيو ته ڪمزور طبقن کي ٽارگيٽڊ سماجي تحفظ جي پروگرامن ذريعي تحفظ فراهم ڪيو وڃي ايس ايس جي سي ايل جي ايم ڊي اجلاس کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته اداري جي گيس ڊسٽريبيوشن سسٽم ۾ نمايان بهتري آئي آهي ۽ يو ايف جي ۾ 57 سيڪڙو گهٽتائي ڪئي وئي آهي. اجلاس کي ٻڌايو ويو ته ڪي اليڪٽرڪ صنعتي صارفين ۽ پاڻ جي ڪارخانن لاءِ گيس لوڊشيڊنگ ڪئي پئي وڃي جڏهن ته گهريلو صارفين کي ڏينهن ۾ ٽي پيرا گيس فراهم ڪئي پئي وڃي. وفاقي وزير پيٽروليم بلوچستان ۾ گيس جي فراهمي بابت مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪرڻ جي هدايت ڪندي چيو ته صوبي ۾ گيس چوري، فني مسئلن ۽ انفراسٽرڪچر جي رڪاوٽن جو مستقل حل ضروري آهي علي پرويز ملڪ چيو ته ايس ايس جي سي ايل بورڊ آپريشنل ڪارڪردگي آمدني جي وصولي ۽ وسيلن جي بهتر استعمال تي خاص ڌيان ڏئي گيس چوري ۽ نقصانن ۾ گهٽتائي اداري جي مالي پائيداري لاءِ لازمي آهي. وفاقي وزير چيو ته گذريل هڪ سال کان گيس جي قيمتن ۾ واڌ نه ڪئي وئي آهي جڏهن ته گيس سرڪلر ڊيٽ ۾ اضافو تقريبن روڪيو ويو آهي هن وڌيڪ چيو ته حڪومت عالمي بينڪ جي سهڪار سان گيس شعبي ۾ جامع سڌارن تي ڪم ڪري رهي آهي جن جو مقصد گيس شعبي کي وڌيڪ موثر پائيدار ۽ مالي طور مضبوط بڻائڻ آهي

بقايا 8 روزاني عبرت

سان ٿي شرڪت ڪندڙ سڀني ۾ عبدالمالڪ يوسفاڻي اڳوٽي گروپ ايگزيڪيوٽو الائيڊ بينڪ آف پاڪستان سيد حاجن شاهه آف ٻن سعيد آباد، آغا تاج محمد، صدر حيدرآباد جمخانه شامل هئا

بقايا 9 روزاني عبرت

جا رستا بند آهن جڏهن ته ڪيترائي فائر ايڪسٽنگوشرز به خراب حالت ۾ موجود آهن ذريعن جو چوڻ آهي ته اسپتال ۾ فائر ايڪسٽنگوشرز جي ڊگهي عرصي کان ٽيسٽنگ ۽ مانيٽرنگ ناهي ڪئي وئي جڏهن ته موثر فائر سيفٽي الارم سسٽم پڻ موجود ناهي ذريعن موجب گذريل 10 سالن دوران اين آءِ سي ايڇ جي ڊاڪٽرن، نرسن ۽ ٻين عملي کي فائر سيفٽي ڊرل يا تربيت پڻ فراهم نه ڪئي وئي آهي ذريعن جو وڌيڪ چوڻ آهي ته گذريل 6 سالن دوران اين آءِ سي ايڇ ۾ باهه لڳڻ جا 2 وڏا واقعا پڻ پيش اچي چڪا آهن ٻئي طرف اين آءِ سي ايڇ جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر ناصر سدل اسپتال جا ايمرجنسي اخراج بند هجڻ جي تصديق ڪندي چيو آهي ته ايمرجنسي ايگزٽ سيڪيورٽي سبب بند ڪيا ويا آهن ڊاڪٽر ناصر سدل موجب ماضي ۾ اسپتال اندر چوري جون ڪيترين ئي وارداتون ٿي چڪيون آهن، تنهن هوندي به عملي وٽ ايمرجنسي اخراج وارن دروازن جون چابيون موجود آهن هن چيو ته جيڪڏهن اسپتال ۾ ڪو ناخوشگوار واقعو پيش اچي ٿو ته ان جو ذميوار عملو هوندو اين آءِ سي ايڇ جي ڊائريڪٽر چيو ته اسپتال ۾ فائر ايڪسٽنگوشرز موجود آهن پر عملي کي فائر فائٽنگ جي تربيت فراهم نه ڪئي وئي آهي جنهن بابت هاڻي اجلاس ڪيو پيو وڃي هن صورتحال کان پوءِ اسپتال جي فائر سيفٽي انتظامن ايمرجنسي اخراجن ۽ عملي جي تربيت بابت سوال اٿي رهيا آهن

بقايا 10 روزاني عبرت

وڪيل پڻ عدالت ۾ موجود هئا عدالتي ذريعن موجب جتوئي ڀائرن خلاف داخل 8 ڪيسن جي ٻڌڻي انسدادِ دهشتگردي عدالت ۾ ٿي عدالت 8 ئي ڪيسن جي ٻڌڻي 24 سيپٽمبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي. عدالتي ذريعن موجب جتوئي ڀائرن خلاف ڪيسن جي ايندڙ ٻڌڻي 24 سيپٽمبر تي ٿيندي

بقايا 11 روزاني عبرت

اسلامي صفورا ٽائون جي ڪوآرڊينيٽر حماد الله ڀٽو جو سڳو سميع الله ڀٽو لاڏاڻو ڪري ويو هو ڪجهه عرصي کان بيمار ۽ مقامي اسپتال ۾ علاج هيٺ هو مرحوم گردن جي بيماري ۾ مبتلا هو چاليهه ورهين جو سميع الله ڀٽو ڪن ٻارن جو پيءُ هو مرحوم جي نماز جنازه ۽ تدفين سندس اباڻي شهر آرائين سکر ۾ ڪئي وئي جنهن ۾ جماعت اسلامي جا اڳواڻ ڪارڪن حرا اسڪول جو اسٽاف ۽ ويجها مائٽ شريڪ ٿيا جماعت اسلامي سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ جنرل سيڪريٽري محمد يوسف ۽ سيڪريٽري اطلاعات مجاهد چنا سميع الله ڀٽو جي وفات تي ڏلي ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي مرحوم جي مغفرت درجات جي بلندي ۽ پوئين لاءِ صبر جميل جي دعا ڪئي آهي

بقايا 12 روزاني عبرت

ڪميشن جو اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ گڏاپ ٽائون ۽ ابراهيم حيدري ٽائون سميت مختلف ٽائونن سان لاڳاپيل معاملن، عوام کي بنيادي بلدياتي سهولتون فراهم ڪرڻ، ٽيڪس وصولي بابت پيدا ٿيل تڪرارن ۽ مڪاني حڪومت جي نظام کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ بابت تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو اجلاس ۾ ايڊيشنل چيف سيڪريٽري بلديات وسيم شمشاد، ڪميشن جي چيئرمين رحيم سومرو ميمبر صوبائي اسيمبلي امداد پتافي گڏاپ ٽائون جي ميونسپل ڪمشنر ملڪ مجتبيٰ اياز قانوني آفيسر سهيل حميد قاضي ۽ ابراهيم حيدري ٽائون جي چيئرمين نظير ڀٽو شرڪت ڪئي اجلاس دوران مختلف ٽائونن وچ ۾ جانورن جي ذبح بابت ٽيڪس وصولي جي حوالي سان پيدا ٿيل تڪرارن جو جائزو ورتو ويو جڏهن ته لاڳاپيل ڌرين جو موقف ۽ دليل پڻ تفصيل سان ٻڌا ويا. ان موقعي تي گڏاپ ٽائون جي ميونسپل ڪمشنر ملڪ مجتبيٰ اياز جانورن جي ذبح بابت ٽيڪس جي وصولي جي حوالي سان

[illegible]

اطلاع عام

پاران منقولهمحمد عدنان /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم محمد خاقان شناختي ڪارڊ نمبر 4250114595683 درخواست وصول ٿي آهي. جاٿايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. فهد خاقان (پٽ) 2. صفوره بي بي (زوج) 3. ثريا بي بي (ڌيءِ) 4. ڪشماله (ڌيءِ) 5. محمد عدنان (پٽ) 6. محمدنويد خاقان (پٽ) 7. محمد سفيان (پٽ) 8. مهوش (ڌيءِ) جينئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA AWAMI MARKAZ , SHAHRA-E-FAISAL ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهسيدلياقت علي /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم انوري بيگم شناختي ڪارڊ نمبر 4210115958710 درخواست وصول ٿي آهي. جاٿايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. سيدلياقت علي (پٽ) جينئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA AWAMI MARKAZ , SHAHRA-E-FAISAL ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهمحمد علي /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم عبدالحق شناختي ڪارڊ نمبر 4540133905721 درخواست وصول ٿي آهي. جاٿايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. مسمات راحت (زوج) 2. مسمات دادلي (ڌيءِ) 3. مسمات نظيران (ڌيءِ) 4. راڻو خان (پٽ) 5. روشن علي (پٽ) 6. مسمات نور بي بي (ڌيءِ) 7. محمد علي (پٽ) 8. قربان علي (پٽ) جينئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA QAZI AHMED ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقولهنرگس /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم غلام حيدر شناختي ڪارڊ نمبر 7110127265575 درخواست وصول ٿي آهي. جاٿايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. حديثه نرگس (ڌيءِ) 2. متين حيدر (پٽ) 3. شهباز حيدر (پٽ) 4. نرگس (زوج) 5. نرگس بي بي (ڌيءِ) 6. عابده نرگس (ڌيءِ) 7. نفيسه زينب (ڌيءِ) 8. ريحانه نرگس (ڌيءِ) جينئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA FEMALE SKARDU ONEAPP

PID(I)1924/26 URAAN PAKISTAN

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

پمز نرسري سانحو: غفلت جو حساب ڪير ڏيندو؟
صفحو 4

اياز وگهيو
هرمز کان آمريڪا تائين: پاڪستان جي نئين سفارتي آزمائش
صفحو 4

گلوبل وارمنگ هڪ عالمي آفت!
رميش راجا
صفحو 4

نور ستتي
قاضي عبدالمجيد عابد: سيوهڻ جي سوڙهي ماڙي کان صحافت ۽ سياست جي افق تائين
صفحو 4

ڪوٽ غلام محمد لڳ ريلو ڪتن جو آزار، 30 رڍون ماري وڌيون، ڳوٺاڻا سخت پريشان


ڪوٽ غلام محمد رولو ڪتن جي حملي ۾ ماريل رڍون

جشن عيد ميلادالنبي ﷺ جي موقعي تي سکر پوليس طرفان شهر ۾ سخت سيڪيورٽي انتظام ڪيا ويا




سکر انتظاميا پاران 12 ربيع الاول جي موقعي تي ڪيل سيڪيورٽي انتظامن جو ڏيک


سکر اسپيشل اسڪول جي اکين کان محروم ٻارن جي ٽريننگ جو اهتمام ڪيو ويو

سکر ۾ پاڪستان بلائنڊ اسپورٽس فيڊريشن پاران ٽريننگ جو اهتمام

اسڪول جي اکين کان محروم ٻارن جي لاءِ ٽريننگ جو اهتمام ڪيو ويو

سکر ۾ بااثر ماڻهن جي مبينه زيادتين، ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائڻ ۽ حراسان ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو


سکر بااثر شخص خلاف مختلف برادري جا ماڻهو احتجاجي مظاهرو ڪندي

متنازع ڪئنال ۽ لڳيندڙ پائيپ لائين خلاف پنوورو شهر ۾ هزارين ماڻهن پاران ريلي، ڌرڻو


پنوورو متنازع ڪئنال ۽ لڳيندڙ پائيپ لائين خلاف شهري احتجاجي ڌرڻو ڏيندي

اروڙ يونيورسٽي ۾ جديد سهولتن سان ليس مرڪزي لائبريري جو افتتاح


سکر اسماعيل راهو اروڙ يونيورسٽي ۾ جديد سهولتن سان آراسته لائبريري جو افتتاح ڪندي

سيف الله مگسي پرائيم ايبليمنٽ ٽرسٽ

داد لغاري ۾ جشن عيد ميلاد النبي ﷺ جي سلسلي ۾ شاندار ريليون

لنڊو محمد خان ۾ پارسولڪ ڪميٽي پاران جشن عيد ميلادالنبي ﷺ جي ريلي

سکر ۾ ڪارڪنن تيل قومي ڪارڪنن جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو

ليبر پي ۾ سردار علي نواز خان مهر پاران اليڪٽرڪ رانا جاويد سان سس جي وفات تي تعزيت


سکر گم ٿيل ڪارڪنن جي بازيابي لاءِ جيئي سنڌ تحريڪ پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

ڏڪڙي پوليس جي ڪارروائي، ڦرجي ڪيس ۾ نامزد ۽ جوابدار گرفتار


ڏڪڙي پوليس ڪارروائي ۾ گرفتار ڪيل جوابدار


ٺٽو محمد خان ۾ جشن عيد ميلاد النبي ﷺ جي سلسلي ۾ پارسولڪ ڪميٽي پاران اسٽيشن چوڪ تي شاندار ريلي جو نڪرندي

اردو پرائمري اسڪول نصرت ڪالوني نمبر ۾ جشن عيد ميلادالنبي ﷺ جي تقريب

ڊريم بلڊر ماڊرن اسڪول مقصود رند ۾ جشن ميلاد المصطفيٰ ﷺ ملهايو ويو

جماعت اصلاح المسلمين ضلعي سکر پاران ميلاد مصطفيٰ ﷺ جي جلوس

سکر چيمبر ۾ پوليس ۽ موٽر رابطي سبب ٽرانسپورٽ ڌوڙ ۽ گهٽتائي

مهڙ لڳ تيز رفتار ويگو ۽ موٽر سائيڪل وچ ۾ ٽڪر، موٽرسائيڪل سوار سخت زخمي

ملي ۾ ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيشن ڪميٽي فار ايڪس ڪميٽي جي اهم گڏجاڻي

ريلوي ملازم آخر ڪيسين تائين سائين جا لاش ڪڻندا رهندا، اخير محمد نوناري

گهوٽڪي ۾ جشن عيد ميلادالنبي ﷺ جي عقيدت، احترام سان ملهايو ويو

مختلف مذهبي جماعتن پاران شاندار ريليون ۽ جلوس ڪڍيا ويا

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڙهي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk
جمع 28 آگسٽ 2026ع

پمز نرسري سانحو: غفلت جو حساب ڪير ڏيندو؟

اسلام آباد جي پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز (پمز) جي نرسري ۾ 26 آگسٽ تي پيش آيل باهه جو واقعو اسان جي صحت جي نظام، حفاظتي انتظامن ۽ سرڪاري ادارن جي ذميوارين بابت ڪيترائي سنجيده سوال اٿاري ٿو نرسري اهڙي جاءِ آهي، جتي بيمار ۽ معصوم ٻار پنهنجي والدين کان پري زندگيءَ جي جنگ وڙهي رهيا هوندا آهن. اهڙي هنڌ تي باهه لڳڻ ۽ ان کان پوءِ حفاظتي انتظامن بابت سنگين خاميون سامهون اچڻ ڪنهن به صورت ۾ معمولي ڳالهه نٿي ٿي سگهي. واقعي کان پوءِ وزيراعظم جي هدايت تي جاچ شروع ٿي ۽ پمز انتظاميا نئين انڪوائري ڪميٽي پڻ جوڙي آهي. پروفيسر ڊاڪٽر عاطف انعام شامي کي ڪميٽي جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو آهي، جڏهن ته پروفيسر ڊاڪٽر الطاف حسين ۽ پروفيسر ڊاڪٽر ساجد رفيق عباسي ميمبر ۽ ڊاڪٽر انيزه جليل سيڪريٽري مقرر ڪيون ويون آهن. ڪميٽي کي باهه جا سبب، فائر سيفٽي انتظام، ريسڪيو ۽ فائر فائٽنگ آپريشن ۽ ذميوارن جو تعين ڪرڻ جي ذميواري ڏني وئي آهي، جڏهن ته 48 ڪلاڪن اندر عبوري رپورٽ پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. جاچ دوران نرسريءَ جون سي سي ٽي وي فوٽيجز تحويل ۾ وٺي انهن جو جائزو ورتو ويو. 26 آگسٽ جو ڊيوٽي روسٽر حاصل ڪيو ويو ۽ نرسري جي عملي کان به سوال جواب ڪيا ويا. فائر بريگيڊ ۽ ايمرجنسي کاتي پنهنجون رپورٽون پيش ڪيون، جڏهن ته اسپتال جي لاڳاپيل آفيسرن پڻ پنهنجا لکيل بيان جمع ڪرايا. اهي سڀ قدم ان ڳالهه جي نشاندهي ڪن ٿا ته معاملو سنجيده آهي ۽ ان جي حقيقت تائين پهچڻ ضروري آهي. پر سڀ کان وڌيڪ ڳڻتي جوڳي ڳالهه اها آهي ته جاچ دوران ڊسمبر ۾ جاري ٿيل سي ڊي اي جي هڪ رپورٽ جو ذڪر به سامهون آيو آهي. رپورٽ موجب اسپتال ۾ فائر فائٽنگ جا اوزار پراڻا ۽ ناقص هئا، الارم سسٽم ۾ خاميون هيون ۽ حفاظتي انتظامن بابت به سنجيده سوال اٿاريا ويا هئا. جيڪڏهن واقعي ڪنهن سرڪاري اداري طرفان اڳ ئي پمز انتظاميا کي ممڪن وڏي سانحي بابت خبردار ڪيو ويو هو ته پوءِ سوال اهو پيدا ٿئي ٿو ته ان خبرداريءَ کان پوءِ ڪهڙا قدم کنيا ويا؟ جيڪڏهن حفاظتي سامان کي جديد بڻائڻ جي سفارش ڪئي وئي هئي ته ڇا ان تي عمل ٿيو؟ جيڪڏهن الارم سسٽم ناقص هو ته ان کي درست ڇو نه ڪيو ويو؟ جيڪڏهن فائر فائٽنگ جو سامان پراڻو هو ته ان جي تبديليءَ لاءِ ڪهڙي سطح تي ذميواري ادا ڪئي وئي؟ ۽ جيڪڏهن ڪنهن اداري جي رپورٽ کي نظرانداز ڪيو ويو ته ان غفلت جو حساب ڪير ڏيندو؟ اسپتالن ۾ حفاظتي انتظام ڪنهن اضافي سهولت جو نالو نه آهن، بلڪ اهي مريضن جي زندگيءَ جي حفاظت جو بنيادي حصو آهن. خاص طور تي نرسري، ٻارن جي وارڊ، آءِ سي يو ۽ ايمرجنسي جهڙين جڳهين تي باهه لڳڻ جي صورت ۾ چند منٽ به انتهائي اهم هوندا آهن. اتي ڪم ڪندڙ عملي کي باقاعده تربيت، جديد فائر الارم، مناسب فائر ايڪسٽنگوئشر، هنگامي نڪرڻ جا رستا ۽ باقاعده مشقون لازمي طور موجود هجڻ گهرجن. اسان وٽ افسوس سان اهو رويو عام آهي ته ڪنهن حادثي کان اڳ حفاظتي خامين کي سنجيدگيءَ سان ناهي ورتو ويندو، پر حادثي کان پوءِ انڪوائري ڪميٽيون ٺهنديون آهن، رپورٽون طلب ٿينديون آهن ۽ ذميوارن جي ڳولا شروع ٿيندي آهي. اصل ضرورت اها آهي ته انڪوائري ڪميٽيون رڳو فائلن تائين محدود نه رهن پر انهن جي سفارشن تي عملي طور عمل به ٿئي. پمز ملڪ جو اهم ترين سرڪاري طبي ادارو آهي. جيڪڏهن هتي حفاظتي انتظامن ۾ غفلت ثابت ٿئي ٿي ته اها رڳو هڪ انتظامي ڪوتاهي نه پر انساني جانين سان لاپرواهي تصور ٿيندي. جاچ ڪميٽي کي ڪنهن به دٻاءَ کان آزاد ٿي حقيقتون سامهون آڻڻ گهرجن ۽ جنهن به سطح تي غفلت ثابت ٿئي، ان خلاف قانون موجب ڪارروائي ٿيڻ گهرجي. هن سانحي مان هڪ مستقل سبق پڻ حاصل ڪرڻ گهرجي. ملڪ جي سمورن سرڪاري ۽ خانگي اسپتالن ۾ فائر سيفٽي آڊٽ لازمي ڪيو وڃي، پراڻا سامان تبديل ڪيا وڃن، عملي کي هنگامي حالتن سان منهن ڏيڻ جي تربيت ڏني وڃي ۽ وقت بوقت فائر ڊرلز ڪرايون وڃن. صرف رپورٽ لکڻ سان مستقبل جا حادثا نه روڪبا، انهن رپورٽن کي عملي قدم ۾ تبديل ڪرڻو پوندو.

لطيفي لاٽ ــــــــ شاهه عبداللطيف ڀٽائي

مَيا مَڃَ مِنٽَ، اَڄُ مَنهنجي ڪَرهَا،
جهاڳيندي جَرَ پَٽِيُون، مَٽان ڪَرِيَن ڪَٽَ،
سَيِرِيَان جي سَٽَ، مَون کي ٿيئِي مِيڙِيَن.

لطيف سائين شاعريءَ ۾ ڪمال ڪاريگري ڪندي اُٺ جي ٻن ٽلن (ميو ۽ ڪرهو) کي اهڙي انداز ۾ پيش ڪيو آهي جو عام پڙهندڙ آهي ٽالا الڳ سان سمجهندو پر اصل ۾ اهي اُٺ سان تاز برداريون ڪندي عاشق جي زباني هن يعني اُٺ کي ٻنهي ٽلن سان سڏيندي ڪيس ايلاز منٿ ڪندي، خبردار به ڪريس ٿو ته اڳيان جر پٽيون يعني پاڻي جا ڍورا ۽ پوسل وار پوٺا به ايندئي اهي به جهاڳڻا اٿئي متان انهن کي ڏسي ويچار ۾ پئجي وڃين ۽ ٽلت گوڙ ڪرڻ لڳين ۽ اُتون پرين جي سٽ سان ڳنڍجڻ کان رهجي وڃان اُٺ پاڻي ۾ هلڻ کان لنوائيندو آهي جو ته هن جا پير ڏاڪوڙا ٿين ٿا، جيڪي آلي يا پاڻيائي زمين تان آسانيءَ سان کسڪي پوندا آهن ان ڪري ئي لطيف سائين ڪيس رستي ۾ ايندڙ مشڪلاتن کان آگاهي ڏئي ٿو ۽ ڪيس تاڪيد به ڪريس ٿو ته هيلڙا مون کي هر حال ۾ پنهنجي سپيرين جي سٽ سان ملائڻو اٿئي
(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

هرمز کان آمريڪا تائين: پاڪستان جي نئين سفارتي آزمائش


اياز وگهيو

دنيا هن وقت هڪ انتهائي نازڪ دور مان گذري رهي آهي وچ اوڀر ۾ آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ آبنائي هرمز جي صورتحال، عالمي توانائي جي فراهمي بابت خدشا ۽ خطي ۾ تيزيءَ سان بدلجندڙ سفارتي منظرنامو دنيا جي مستقبل بابت ڪيترائي سوال اٿاري رهيا آهن هن صورتحال جا اثر صرف ايران، آمريڪا ۽ خليجي ملڪن تائين محدود ناهن پر پاڪستان سميت ايشيا جي ڪيترن ئي ملڪن جي معيشت ۽ سلامتي پڻ اُن سان ڳنڍيل آهي اهڙي وقت ۾ پاڪستان لاءِ سفارتڪاري، قومي مفاد ۽ معاشي استحڪام سڀ کان اهم بڻجي ويا آهن

هن سڄي صورتحال ۾ تازو فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جو تهران جو دورو خاص اهميت رکي ٿو 24 آگسٽ 2026ع تي فيلڊ مارشل عاصم منير ايران پهتو جتي هن ايراني صدر مسعود پزشڪيان، پارليامينٽ جي اسپيڪر محمد باقر قليباف ۽ ٻين اعليٰ ايراني اڳواڻن سان ملاقاتون ڪيون انهن ملاقاتن ۾ علائقائي صورتحال، ڇڪتاڻ گهٽائڻ، ڳالهين جي امڪانن ۽ آبنائي هرمز کي ٻيهر کولڻ بابت معاملن تي غور ڪيو ويو

عاصم منير جو هيءُ دورو اهڙي وقت ٿيو آهي جڏهن پاڪستان ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ کي گهٽائڻ لاءِ سفارتي ڪوششن ۾ سرگرم آهي پاڪستان جو بنيادي موقف اِهو آهي ته مسئلن جو حل جنگ بدران ڳالهين ۽ سفارتڪاري ذريعي ڳوليو وڃي جيڪڏهن پاڪستان مختلف ڌرين وچ ۾ اعتماد پيدا ڪرڻ ۽ ڳالهين لاءِ ماحول پيدا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿو ته اسلام آباد جي سفارتي حيثيت ۾ اهم اضافو ٿي سگهي ٿو

آمريڪا جو ڪردار هن بحران ۾ سڀ کان اهم آهي واشنگٽن ايران تي سياسي ۽ معاشي دٻاءُ وڌائڻ سان گڏ پنهنجي اسٽريٽجڪ مفادن جي حفاظت چاهي ٿو آمريڪا لاءِ ايران جو ايٽمي پروگرام، ميزائل صلاحيتون، علائقائي اثر ۽ آبنائي هرمز مان آزاد سامونڊي آمدرفت اهم معاملا آهن پر ساڳئي وقت ڊگهي جنگ جو عالمي معيشت ۽ توانائي جي مارڪيٽ تي اثر آمريڪا لاءِ به هڪ وڏو چئلينج آهي ان ڪري سفارتي رستو مڪمل طور بند ٿيڻ بدران ڳالهين لاءِ مختلف چينلن جي کولا جاري رهڻ اهم ڳالهه آهي

ٻئي طرف ايران پنهنجي خودمختياري، قومي سلامتي ۽ علائقائي مفادن کي بنياد بڻائي رهيو آهي تهران ڪنهن به ڳالهين ۾ پنهنجي مفادن جي تحفظ، پابندين جي خاتمي ۽ سلامتي بابت ضمانتن کي اهميت ڏيندو آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ بنيادي اختلاف تمام گهڻا آهن تنهنڪري هڪ ئي ملاقات يا سفارتي دوري سان مسئلو حل ٿيڻ ممڪن ناهي پر ڳالهين لاءِ دروازا کليل رکڻ پاڻ ۾ هڪ اهم اڳڀرائي ٿي سگهي ٿي هتي پاڪستان جو ڪردار اهم بڻجي ٿو پاڪستان ايران جو پاڙيسري ملڪ آهي، جڏهن ته آمريڪا سان به سندس ڊگها سفارتي لاڳاپا آهن سعودي عرب، قطر، متحده عرب امارات ۽ ٻين خليجي ملڪن سان پاڪستان جا گهرا معاشي ۽ انساني تعلقات موجود آهن چين سان پاڪستان جي اسٽريٽجڪ پائيواري به پنهنجي جاءِ تي انتهائي اهم آهي اهڙي منفرد صورتحال پاڪستان کي مختلف ڌرين سان رابطو رکڻ لاءِ هڪ خاص سفارتي حيثيت فراهم ڪري ٿي آبنائي هرمز جي اهميت کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي عالمي توانائي جي فراهمي لاءِ هيءُ دنيا جي اهم ترين سامونڊي رستن مان هڪ آهي خليجي ملڪن مان تيل ۽ گئس جي عالمي مارڪيٽ تائين پهچ ۾ هرمز بنيادي ڪردار ادا ڪري ٿو جيڪڏهن هن سامونڊي رستي ۾ ڊگهي عرصي تائين رڪاوٽ پيدا ٿئي ٿي ته عالمي تيل جون قيمتون وڌي سگهن ٿيون ۽ ان جو اثر دنيا جي معيشتن تي پئجي سگهي ٿو

پاڪستان لاءِ ان جا اثر وڌيڪ حساس ٿي سگهن ٿا، ڇاڪاڻ ته ملڪ توانائي جي ضرورتن لاءِ درآمدن تي گهڻو ڀاڙي ٿو تيل مهانگو ٿيڻ سان پيٽرول ۽ ڊيزل جا اگهه وڌن ٿا، ٽرانسپورٽ جي قيمت وڌي ٿي صنعت جي پيداواري لاڳت وڌي ٿي ۽ آخرڪار عام ماڻهوءَ جي استعمال جون شيون به مهانگيون ٿين ٿيون تنهنڪري هرمز جو مسئلو پاڪستان لاءِ رڳو پرڏيهي پاليسي جو معاملو ناهي، اِهو عوام جي معاشي زندگيءَ سان سڌو لاڳاپيل آهي

انهيءَ صورتحال ۾ فيلڊ مارشل عاصم منير جو تهران جو دورو پاڪستان جي مفادن جي تناظر ۾ ڏسڻ گهرجي جيڪڏهن پاڪستان ايران سان پنهنجي پاڙيسري لاڳاپن کي استعمال ڪندي امن ڳالهين ۽ هرمز جي محفوظ آمدرفت لاءِ مثبت ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو ته اِهو ملڪ جي مفاد ۾ هوندو پر پاڪستان کي ڪنهن به ڌر جو نمائندو بڻجڻ بدران پنهنجو آزاد سفارتي موقف برقرار رکڻو پوندو

آمريڪا سان لاڳاپن ۾ به توازن ضروري آهي پاڪستان کي واشنگٽن سان اهڙي سفارتڪاري اختيار ڪرڻي پوندي، جنهن ۾ ٻنهي ملڪن جا معاشي ۽ اسٽريٽجڪ مفاد محفوظ رهن ساڳئي وقت ايران سان پاڙيسري لاڳاپا خراب ڪرڻ به پاڪستان لاءِ مناسب نه هوندو پاڪستان جي ڪاميابي اُن ۾ آهي ته هُو ٻنهي ترين سان ڳالهائي سگهي ۽ ڪنهن هڪ ملڪ جي خلاف محاذ جو حصو نه بڻجي خليجي ملڪن جي اهميت به گهٽ ناهي لکين پاڪستاني خليجي ملڪن ۾ روزگار ڪن ٿا ۽ انهن جي موڪليل پرڏيهي ناڻي سان پاڪستان جي معيشت کي وڏو سهارو ملي ٿو جيڪڏهن وچ اوڀر ۾ جنگ وڌي ٿي ته پاڪستاني شهرين جي روزگار، ترسيلات ۽ واپار تي اثر پئجي سگهي ٿو ان ڪري پاڪستان لاءِ خطي ۾ امن صرف سفارتي ضرورت ناهي، پر معاشي ضرورت پڻ آهي

موجوده بحران پاڪستان کي پنهنجي توانائي پاليسي تي نظرثاني ڪرڻ جو سبق به ڏئي ٿو درآمدي تيل تي انحصار گهٽائڻ لاءِ شمسي، پن بجلي ۽ ونڊ انرجي سميت متبادل ذريعن کي وڌائڻ ضروري آهي توانائي جي بچت، بجلي جي چوري جي خاتمي ۽ ورچ جي نظام ۾ سڌارن کانسواءِ ڊگهي مدي واري توانائي سلامتي حاصل نٿي ڪري سگهجي

پاڪستان کي پنهنجي معاشي طاقت وڌائڻ سان گڏ سياسي استحڪام به پيدا ڪرڻو پوندو مضبوط معيشت کانسواءِ پرڏيهي پاليسي به محدود ٿي وڃي ٿي دنيا ۾ انهن ملڪن جو آواز وڌيڪ اثرائتو هوندو آهي جيڪي معاشي طور مضبوط، سياسي طور مستحڪم ۽ سفارتي طور واضح موقف رکن ٿا

ايندڙ وقت ۾ سڀ کان اهم سوال اِهو هوندو ته ڇا آمريڪا ۽ ايران ڳالهين جي ڪنهن سنجيده مرحلي ڏانهن واپس اچن ٿا، ڇا آبنائي هرمز ۾ آمدرفت معمول تي اچي ٿي ۽ پاڪستان جون سفارتي ڪوششون ڪيترو نتيجو ڏين ٿيون عاصم منير جو تهران دورو يقيناً هڪ اهم سفارتي قدم آهي، پر ان کي آخري نتيجو سمجهڻ بدران هڪ وڏي سفارتي عمل جي شروعات طور ڏسڻ وڌيڪ مناسب آهي

آخرڪار، موجوده بحران پاڪستان لاءِ خطرو به آهي ۽ موقعو به خطرو معاشي ۽ توانائي جي صورت ۾، جڏهن ته موقعو سفارتي اهميت وڌائڻ جي صورت ۾ پاڪستان جيڪڏهن آمريڪا، ايران ۽ خليجي ملڪن سان متوازن لاڳاپا برقرار رکندي امن ۽ ڳالهين لاءِ ڪردار ادا ڪري ٿو ته اسلام آباد علائقائي سفارتڪاري ۾ وڌيڪ اهم مقام حاصل ڪري سگهي ٿو دنيا تيزيءَ سان تبديل ٿي رهي آهي جنگون هاڻي رڳو سرحدن تائين محدود نٿيون رهن انهن جا اثر تيل، واپار، مهانگائي ۽ عام انسان جي زندگي تائين پهچن ٿا، تنهنڪري پاڪستان کي جنگ جي سياست کان پري ۽ امن جي سفارتڪاري جي ويجهو رهڻو پوندو تهران جو تازو دورو، آمريڪا جو دٻاءُ ۽ آبنائي هرمز جي صورتحال پاڪستان لاءِ هڪ واضح پيغام آهن ته ايندڙ دور ۾ طاقت رڳو هٿيارن سان نه، پر مضبوط معيشت، متوازن سفارتڪاري ۽ قومي مفادن تي ٻڌل واضح پاليسي سان حاصل ٿيندي

گلوبل وارمنگ هڪ عالمي آفت!


رميش راجا

موسمياتي بحران هاڻي ان ڳالهه جي رڳو اڳڪٿي ناهي ته مستقبل ۾ ڇا ٿي سگهي ٿو؟ پر اهو هن وقت، دنيا جي مختلف جاين ۾ تقريباً هڪ ئي وقت ٿي رهيو آهي 2026ع دوران دنيا تباهه ڪندڙ ٻوڏن، غيرمعمولي گرمي، وڏي پيماني تي لڳندڙ جهنگلاتي باهه، ڏڪار، گليشيئرز ۽ برف جي تيزيءَ سان ڳرڻ، شديد طوفانن، فصلن جي نقصان، پاڻيءَ جي کوٽ ۽ وڏي پيماني تي ماڻهن جي بي گهر ٿيڻ جا واقعا ڏٺا آهن ورلڊ ميٽيورولوجيڪل آرگنائيزيشن (WMO) اڳ ئي تصديق ڪري چڪو آهي ته 2015ع کان 2025ع تائين جا يارهن سال رڪارڊ ڪيل تاريخ جا سڀ کان وڌيڪ گرم سال رهيا آهن، جڏهن ته 2025ع جو عالمي گرمي پد 1850ع کان 1900ع واري اوسط جي ڀيٽ ۾ تقريباً 1.43 °C وڌيڪ رهيو.

پاڪستان: مون سون، اوچتي ٻوڏون ۽ شهري ٻوڏ: پاڪستان هڪ ڀيرو ٻيهر تباهه ڪندڙ مون سون جي موسم کي منهن ڏئي رهيو آهي 26 جون 2026ع کان شروع ٿيندڙ شديد برساتن سبب ملڪ جي مختلف علائقن ۾ جاني نقصان، زخمي ٿيڻ جا واقعا، اوچتيون ٻوڏون، شهري ٻوڏ ۽ لينڊ سلائيڊنگ ٿي چڪي آهي. هيل تائين فوت ٿيل ماڻهن جو انگ 136 تائين پهچي چڪو آهي، جڏهن ته وڌيڪ برساتن جو امڪان پڻ ظاهر ڪيو ويو هو.

اسلام آباد—راولپنڊي: اسلام آباد ۽ راولپنڊي هن موسمياتي بحران جي هڪ انتهائي طاقتور علامت بڻجي ويا آهن شديد مون سون برساتن سبب روڊن ۽ هيٺاهين وارن علائقن ۾ بار بار پاڻي بيهجي ويو، جڏهن ته ليه نالو راولپنڊي لاءِ سنگين ٻوڏ جو خطرو بڻجي ويو. هن صورتحال جي اهميت رڳو هڪ برساتي واقعي تائين محدود ناهي اسلام آباد ۽ راولپنڊي وڏا شهري مرڪز آهن جتي وسيع تعمير ٿيل سطح، نيڪال جي محدود سهولتون ۽ تيزيءَ سان وڌندڙ آبادي موجود آهي جڏهن غيرمعمولي شدت سان برسات پوي ٿي ته ٿوري ئي وقت ۾ پاڻيءَ جو تمام وڏو مقدار گڏ ٿي وڃي ٿو صنعتي ملڪ عالمي گرين هائوس گيسن جي خارج ڪرڻ ۾ حصو ڇهي رهيا آهن پر باوجود ان جي پاڪستان موسمياتي شدت وارن واقعن کان سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيندڙ ملڪن مان هڪ آهي پاڪستان ۾ بار بار ايندڙ ٻوڏ ناانصافيءَ کي ظاهر ڪري ٿي جنهن ۾ فضا ۾ ڪاربان جو وڏو حصو تاريخي طور پيدا ڪندڙ ملڪ ۽ ان جا وڌندڙ نتيجا ڀوڳيندڙ ملڪ هڪجهڙا نه آهن

نيپال: هماليه ۾ تباهه ڪندڙ اوچتي ٻوڏ: نيپال هماليه ۾ آيل هڪ انتهائي تباهه ڪندڙ اوچتي ٻوڏ جو تازو شڪار بڻجي ويو آهي 26 آگسٽ 2026ع تي نيپال-تبت سرحد پرسان اوچتو آيل پاڻيءَ جي زوردار وهڪري آبادين ۽ بنيادي ڍانچي کي تباهه ڪري ڇڏيو، جنهن جي نتيجي ۾ گهٽ ۾ گهٽ 18 ماڻهو فوت ۽ سوين ماڻهو گم ٿيڻ جا اطلاع آهن جڏهن ته بچاءُ جون ڪارروايون جاري آهن. پاڻيءَ جو وهڪرو ايترو شديد هو جو منظرن ۾ سرحدي علائقو جڻ مٽي ۽ پاڻيءَ جي هڪ وڏي پٽ هيٺ وهندي نظر آيو اها آفت ان ڪري به وڌيڪ ڳڻتيءَ جوڳي آهي، ڇاڪاڻ ته اها هماليه جي ان خطي ۾ پيش آئي آهي، جتي تيزيءَ سان بدلجندڙ گرمي پد، پگهرندڙ گليشيئر ۽ برفاني ڍنڍون گليشيئر ڍنڍن جي اوچتي ڦاٽڻ سبب ايندڙ ٻوڏ جا خطرا وڌائي رهيون آهن

ڀارت: آسام جي تباهي ڪندڙ ٻوڏ: ڀارت ۾ 2026ع جي مون سون دوران سال جي سڀ کان تباهه ڪندڙ ٻوڏن مان هڪ ڏسڻ ۾ آئي آسام ۾ گڏريل ڇهن ڏهاڪن جي بدترين ٻوڏ آئي، جنهن دوران جولاءِ ۾ هڪ سئو کان وڌيڪ ماڻهو فوت ۽ 7 لک کان وڌيڪ ماڻهو بي گهر ٿيا. 2 هزار 6 سئو کان وڌيڪ ڳوٺ پاڻيءَ هيٺان اچڻ جا اطلاع آهن. 18 آگسٽ تائين آسام ۾ ٻوڏ سبب فوتين جو ڄاڻايل انگ 105 تائين پهچي ويو هو، جڏهن ته پنجن ضلعن ۾ لڳ ڀڳ 32 هزار ماڻهو ايا تائين متاثر ٿيا آهن. برهماپترا درياهه ۽ ان جي شاخن آبادين کي پاڻيءَ هيٺ آڻي ڇڏيو، فصل تباهه ڪيا، چوپايو مال مري ويو ۽ خاندانن کي امدادي ڪيمپن ڏانهن منتقل ٿيڻ تي مجبور ٿيڻو پيو. ڪجهه هنڌن تي رهواسين ٻڌايو ته ٻوڏ جو پاڻي تقريباً 30 منٽن اندر ڳوٺن کان ڳچيءَ تائين پهچي ويو. شديد برساتن سبب ڪيرالا ۽ اوڊيشا ۾ پڻ ٻوڏ ۽ لينڊ سلائيڊنگ جا واقعا پيش آيا.

برازيل ۾ ايندڙ شديد طوفان ۽ ٻوڏ: ڏکڻ برازيل هڪ ڀيرو ٻيهر شديد موسم جي لپيٽ ۾ آيو آهي 6 آگسٽ تي ايندڙ شديد طوفانن دوران هوائن جي رفتار تقريباً 120 ڪلوميٽر في ڪلاڪ تائين پهچي وئي ڳڙا پيا ۽ هڪ تصديق ٿيل ٽورنيڊو پڻ آيو 114 ميونسپلٽيز نقصان جي رپورٽ ڏني جڏهن ته 28 ميونسپلٽيز مان 2 هزار 3 سئو 6 ماڻهو بي گهر ٿيا. هڪ ماڻهو فوت ۽ پنج زخمي ٿيا اها رياست گذريل ڪجهه سالن دوران برازيل جي سڀ کان تباهه ڪندڙ موسمياتي ٻوڏن مان ڪجهه ڏسي چڪي آهي جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته ان جون آباديون ۽ زرعي معيشت شديد برسات جي مقابلي ۾ ڪيتري قدر ڪمزور آهن

شديد طوفان ۽ ٻوڏ جي خطري کي منهن ڏيندڙ ارجنٽينا: ارجنٽينا ۾ پڻ 2026ع دوران موسمياتي تبديليءَ جا شديد واقعا سامهون آيا آهن. آگسٽ ۾ هڪ طاقتور طوفان بيونس آئرس کي متاثر ڪيو، جنهن سبب 50 هزار کان وڌيڪ بجلي استعمال ڪندڙ بجلي کان محروم ٿي ويا. ڪجهه علائقا تباهه ڪندڙ برساتن کي منهن ڏئي رهيا آهن جڏهن ته ٻيا علائقا ساڳئي وقت ڏڪار ۽ زرعي دٻاءَ جو شڪار آهن.

آمريڪا: ريڊو نيواڊا پرسان هاڪ فائر: تازو پيش ايندڙ سڀ کان ڊرامائي آفتن مان هڪ ريڊو نيواڊا پرسان پيش آئي آهي. هاڪ فائر 22 آگسٽ تي لڳي وئي ۽ خشڪ نباتات ۾ تيزيءَ سان پکڙجي وئي. 25 آگسٽ تائين اها 15 هزار ايڪڙ کان وڌيڪ علائقو ساڙي چڪي آهي. گهٽ ۾ گهٽ 32 گهر تباهه ٿيا، ست ماڻهو معمولي طور سڙي زخمي ٿيا ۽ تقريباً 90 هزار رهواسي شروعاتي طور نيڪالي جي حڪمن يا خبردارين کان متاثر ٿيا. لڳ ڀڳ 23 هزار ماڻهو نيڪاليءَ جي حڪم هيٺ رهيا، جڏهن ته وڌيڪ 40 هزار ماڻهن کي تيار رهڻ جي هدايت ڪئي وئي. تقريباً 9 سئو فائر فائٽر باهه وسائڻ ۾ مصروف هئا. آمريڪا مجموعي طور تي ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ (CO_2) جي خارج ڪرڻ ۾ دنيا جو سڀ کان وڏو حصو رکندڙ ملڪ آهي، تنهنڪري گلوبل وارمنگ ۾ ان جي تاريخي ڪردار جي اهميت تمام گهڻي آهي

فرانس ۽ اسپين: گرمي، ڏڪار ۽ غيرمعمولي طور تي لڳندڙ باهه: يورپ ۾ گرمي، ڏڪار ۽ جهنگ ۾ لڳندڙ باهه جو هڪ غيرمعمولي سنگم ڏسڻ ۾ آيو آهي 5 آگسٽ 2026ع تائين يورپي يونين ۾ تقريباً 5 لک 5 هزار 6 سئو 83 هيڪٽر علائقو سڙي چڪو آهي، جڏهن ته 2025ع جي ساڳئي تاريخ تائين اهو انگ 3 لک 79 هزار 3 سئو 92 هيڪٽر هو. موسمياتي تبديليءَ سبب شديد گرمي، ڏڪار ۽ باهه لاءِ سازگار موسمي حالتن جي هن گڏيل صورتحال جو امڪان وڌيو آهي. فرانس ۾ گرميءَ سبب انساني نقصان پڻ غيرمعمولي رهيو. 3 کان 22 جولاءِ دوران ملڪ جي صحت واري وزارت گرميءَ جي لهرن دوران هڪ هزار 2 سئو 43 اضافي موت رپورٽ ٿيا آهن.

دنيا جا سمنڊ: (هڪ اهڙو رڪارڊ، جيڪو هر انسان کي خبردار ڪرڻ گهرجي) شايد تازو سڀ کان حيران ڪندڙ ماپ ڪنهن شهر يا ملڪ مان نه پر سڄي دنيا جي سمنڊن مان سامهون آئي آهي. گرم ٿيندڙ سمنڊ جي سطح وڌڻ، سامونڊي گرميءَ جي لهرن، مرجانن جي نقصان، ماحولياتي نظام جي تبديلي ۽ طوفانن جي رويي ۾ تبديليءَ جو سبب بڻجن ٿا. سمنڊ جو اهو رڪارڊ ان ڪري انتهائي اهم آهي، ڇاڪاڻ ته اهو رڳو گرمي پد جو هڪ ٻيو انگ ناهي، بلڪ اهو ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته ڌرتيءَ جو سڀ کان وڏو گرمي جذب ڪندڙ ذخيرو غيرمعمولي مقدار ۾ توانائي جذب ڪري رهيو آهي. (هلندڙ)

انهن معصومن جو ڏوهه ڪهڙو هو؟

ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن اسپتال جي ديوارن اندر ٿيندڙ هڪ ننڍڙو واقعو سڄي سماج جي ضمير کي لوڏي ڇڏيندو آهي 26 آگسٽ تي اسلام آباد جي پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز (پمز) جي نرسري ۾ لڳل باهه به اهڙو ئي هڪ واقعو آهي، جنهن رڳو هڪ اسپتال جي حفاظتي انتظامن تي سوال نه اٿاريا آهن پر انساني جان جي قدر بابت ڪيترائي تلخ سوال اسان جي سامهون آڻي بيهاريا آهن نرسري...! هي لفظ ئي دل ۾ هڪ عجيب ڪيفيت پيدا ڪري ٿو اتي اهي معصوم ٻار داخل هوندا آهن، جيڪي اڃا زندگيءَ جي شروعاتي مرحلي ۾ هوندا آهن ڪنهن جي اکين ۾ ماءُ پنهنجي ٻار جي صحتيابيءَ جا خواب سجائي ويٺي هوندي آهي ڪنهن پيءُ جي دل ۾ اها اميد هوندي آهي ته سندس ننڍڙو ٻار ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ڪيس ٻيهر مسڪرائيندي نظر ايندو اهي ٻار نه پنهنجي بچاءَ لاءِ ڊوڙي سگهن ٿا نه خطري کي سمجهي سگهن ٿا ۽ نه ئي مدد لاءِ آواز ڏئي سگهن ٿا انهن جي زندگي مڪمل طور ڊاڪٽرن، نرسن ۽ اسپتال جي حفاظتي نظام جي حوالي هوندي آهي اهڙي هنڌ باهه لڳڻ جو تصور ئي روح کي ڏڪائي ڇڏي ٿو. اهو سوال پنهنجي جاءِ تي موجود آهي ته باهه ڪيئن لڳي؟ پر ان کان به وڏو سوال اهو آهي ته جيڪڏهن باهه لڳي ته حفاظتي انتظام ڪيترا تيار هئا؟ ڇا فائر الارم وقت تي خبردار ڪيو؟ ڇا فائر فائٽنگ جو سامان مڪمل ۽ ڪارائتو هو؟ ڇا عملي کي اهڙي هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ جي تربيت حاصل هئي؟ ڇا ٻارن کي محفوظ هنڌ منتقل ڪرڻ لاءِ مناسب ۽ واضح رستا موجود هئا؟ جاچ دوران ڊسمبر ۾ جاري ٿيل سي ڊي اي جي هڪ رپورٽ جو ذڪر به سامهون آيو آهي ٻڌايو وڃي ٿو ته ان رپورٽ ۾ اسپتال جي فائر فائٽنگ سامان کي پراڻو ۽ ناقص قرار ڏنو ويو هو. جڏهن ته الارم سسٽم ۽ ٻين حفاظتي انتظامن بابت پڻ سنگين خامين جي نشاندهي ڪئي وئي هئي جيڪڏهن اها رپورٽ واقعي موجود هئي ته پوءِ معاملو اڃا وڌيڪ سنگين ٿي وڃي ٿو جيڪڏهن اڳ ئي خبردار ڪيو ويو هو ته پوءِ ان خبرداريءَ کان پوءِ ڇا ٿيو؟ ڇا ڪنهن آفيسر رپورٽ پڙهي هئي؟ ڇا ان تي عملدرآمد لاءِ فائيل هليو؟ ڇا خراب سامان تبديل ڪيو ويو؟ ڇا الارم سسٽم درست ڪيو ويو؟ ڇا فائر ڊرل ڪرائي وئي؟ ڇا عملي کي هنگامي صورتحال لاءِ ٻيهر تربيت ڏني وئي؟ ۽ جيڪڏهن ڪجهه به نه ٿيو ته پوءِ... ان غفلت جو جواب ڪير ڏيندو؟ اسان جي سرڪاري ادارن ۾ هڪ افسوسناڪ روايت بڻجي چڪي آهي ته حادثي کان اڳ خبردارين کي نظرانداز ڪيو ويندو آهي پر حادثي کان پوءِ فائيلون کلي وينديون آهن. ڪميٽيون ٺهنديون آهن، رپورٽون طلب ٿينديون آهن ۽ ڪجهه ڏينهن تائين ذميوارن جي ڳولا جاري رهندي آهي پوءِ وقت گذرڻ سان معاملو خاموشيءَ جي پردي هيٺ هليو ويندو آهي پر اسپتالن ۾ اهڙي روش ناقابل قبول آهي فائر سيفٽي کي اضافي خرچ نه آهي فائر الارم ڪا عياشي نه آهي جديد فائر ايڪسٽنگوئشر، ايمرجنسي نڪرڻ جا رستا، تربيت يافته عملي ۽ باقاعده فائر ڊرلز ڪا غيرضروري سهولت نه آهن اهي انساني زندگي بچائڻ جا بنيادي انتظام آهن خاص طور تي نرسري، ٻارن جي وارڊ، آءِ سي يو ۽ ايمرجنسي ۾ ته حفاظتي انتظامن ۾ معمولي غفلت به وڏي انساني الميي جو سبب بڻجي سگهي ٿي اتي چند سيڪنڊن جي دير به ڪنهن ماءُ جي جهول اجاڙي سگهي ٿي ڪنهن پيءُ جي اميد ختم ڪري سگهي ٿي ۽ ڪنهن خاندان کي سڄي عمر جي اهڙي درد ۾ مبتلا ڪري سگهي ٿي جنهن جو ڪو علاج ناهي

(وحيد راهي ڀٽي- حيدرآباد)

قاضي عبدالمجيد عابد: سيوهڻ جي سونهري ماڙي کان صحافت ۽ سياست جي افق تائين


نور سنڌي

قاضي عبدالمجيد عابد سنڌ جي اهڙي گهڻ رخي شخصيت هو جنهن جي زندگيءَ ۾ سيوهڻ جي قديم علمي ۽ سياسي ماحول، صحافت، ادب، بلدياتي انتظام، سياست، تعليم، ثقافت ۽ عوامي خدمت جا ڪيترائي رنگ گڏجي هڪ مڪمل تصوير بڻجن ٿا. هو رڳو "روزاني عبرت" جو ملڪ ۽ چيف ايڊيٽر نه هو، پر هڪ اهڙو انسان هو جنهن پنهنجي زندگيءَ جي مختلف مرحلن ۾ سنڌ جي علمي، صحافتي، سياسي ۽ سماجي سفر تي پنهنجا نشان ڇڏيا. سندس زندگيءَ کي سمجهڻ لاءِ اسان کي سنڌس صحافتي آفيس کان اڳتي وڃي سيوهڻ جي ان تاريخي گهراڻي تائين وڃڻو پوندو، جتان سنڌس خاندان جي علم، سياست ۽ سماجي خدمت جي روايتن جا پاڙا نظر اچن ٿا.

حضرت لعل شهباز قلندر جي نگري سيوهڻ شريف سنڌ جي انهن شهرن مان آهي، جن جي مٽيءَ ۾ صدين جي روحاني، علمي ۽ سياسي تاريخ سمايل آهي. انهيءَ ئي تاريخي شهر جي قديم قاضي محلي ۾ قاضي عبدالمجيد عابد جي وڏن جي هڪ شاندار ۽ روايتي حويلي هوندي هئي، جيڪا پنهنجي سونهري رنگ سبب "سونهري ماڙي" جي نالي سان مشهور هئي. اها ماڙي رڳو قاضي خاندان جي رهائشگاهه نه هئي، پر ان دور جي سنڌي طرزِ تعمير، علمي ماحول ۽ سماجي حيثيت جي هڪ علامت پڻ هئي. روايتن موجب ان حويليءَ جي اڏاوت ۾ سنڌي فن تعمير جون ڪيتريون ئي خاص خوبيون موجود هيون. ٿڌي هوا لاءِ بادگير، ڪاٺ تي نقاشي، وڏو ديوان خانو ۽ ٻيون روايتي اڏاوتي خاصيتون ان جي سڃاڻپ هيون. ٻاهرين پٿرين تي سونهري پلستر سج جي روشنيءَ ۾ اهڙو چمڪندو هو، جڻ ماڙي سون مان ٺهيل هجي. تنهنڪري ان کي "سونهري ماڙي" چيو ويندو هو. هيءَ ماڙي قاضي عبدالمجيد عابد جي والد قاضي عبدالقيوم ۽ سنڌس چاچي حڪيم فتح محمد سيوهاڻي جي دور ۾ رڳو رهڻ جي جاءِ نه رهي، پر علمي، سياسي ۽ قومي سرگرمين جو مرڪز پڻ بڻجي وئي. آزاديءَ جي تحريڪن، خاص طور ريشمي رومال تحريڪ ۽ خلافت تحريڪ جي زماني ۾ اهڙيون جايون قومي سوچ رکندڙ ماڻهن لاءِ اهم پناهه گاهون ۽ مشاورتي مرڪز بڻجي وينديون هيون. قاضي خاندان جي هن ماڙيءَ ۾ پڻ سنڌ جا علمي، اديب، سياسي ڪارڪن ۽ قومي اڳواڻ اچڻ وڃڻ ڪندا هئا. مولانا عبيدالله سنڌي، رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙي ۽ ان دور جي ٻين قومي شخصيتن سان قاضي خاندان جي لاڳاپن جا حوالا پڻ ملن ٿا. روايتن موجب قاضي عبدالقيوم ۽ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ريشمي رومال تحريڪ سان وابستگيءَ سبب انگريز سرڪار جي سختين جو شڪار ٿيا ۽ گرفتار به ٿيا.

قاضي محلي جي هن تاريخي ماحول سان گڏ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي 1903ع، يعني 1321هه ڌاري سيوهڻ جي جامع مسجد ۾ هڪ ديني مرڪز ۽ مدرسو قائم ڪيو جنهن سيوهڻ ۾ علمي سرگرمين کي هٿي ڏني اهڙي ماحول ۾ قاضي خاندان جي نئين نسل اک کولي ان ڪري قاضي عبدالمجيد عابد جي شخصيت کي رڳو جديد صحافت ۽ سياست جي پيداوار سمجهڻ بدران ان ڊگهي علمي ۽ سماجي روايت جي تسلسل طور ڏسڻ وڌيڪ مناسب ٿيندو.

وقت سان گڏ قاضي خاندان جون سياسي، انتظامي ۽ صحافتي سرگرميون حيدرآباد ڏانهن منتقل ٿيون. قاضي عبدالقيوم حيدرآباد ميونسپلٽي سان وابسته ٿيو ۽ اڳتي هلي ميونسپلٽيءَ جي صدر جي حيثيت سان خدمتون سرانجام ڏنئين خاندان جي حيدرآباد اچڻ سان سنڌ جي سياسي ۽ صحافتي مرڪز ۾ سنڌن سرگرمين جو دائرو وڌيو حيدرآباد ان زماني ۾ سنڌ جي صحافت، ادب، سياست ۽ علمي سرگرمين جو اهم شهر هو، جتي مختلف فڪري ڌارائون گڏ ٿينديون هيون.

قاضي خاندان جي علمي ورثي ۾ قاضي عبدالمجيد عابد جي ڀيڻ آپا شمس عباسيءَ جو نالو پڻ اهم آهي. جيڪا تعليم جي شعبي ۾ نمايان مقام تي پهتي ۽ سنڌ جي نيائين جي تعليم لاءِ ڪم ڪيو اهڙي خاندان ۾ علم کي رڳو ذاتي ترقيءَ جو ذريعو نه پر سماج جي خدمت جو وسيلو سمجهيو ويندو هو.

قاضي عبدالمجيد عابد جي شخصيت تي جديد تعليم جو گهرو اثر هو. بمبئي يونيورسٽي مان بي اي ڪرڻ وارو دور سندس فڪري تربيت جو اهم مرحلو هو ان زماني ۾ بمبئي برصغير جو هڪ وڏو تجارتي، سياسي، علمي ۽ ثقافتي مرڪز هو. مختلف ٻولين جون اخبارون، جديد ڇپائي، سياسي بحث، ادبي سرگرميون ۽ يورپي فڪر سان لاڳاپيل بحث نوجوانن جي سوچ تي اثر وجهندا هئا. قاضي عابد پڻ انهيءَ ماحول مان گذريو ۽ سنڌ واپس اچڻ کانپوءِ سندس ذهن ۾ جديد صحافت، شهري انتظام ۽ عوامي شعور کي اهميت ڏيڻ جو تصور وڌيڪ پختو ٿيو سندس تعليم ڪيس رڳو سرڪاري نوڪري يا ذاتي حيثيت حاصل ڪرڻ لاءِ تيار نه ڪيو، پر هن علم کي سماج سان ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪئي. اڳتي هلي اخبار، ڪتاب، پبلشنگ ۽ صحافت سنڌس لاءِ علم کي عام ماڻهن تائين پهچائڻ جا وسيلا بڻيا. سندس فڪري سفر کي ڏسندي محسوس ٿئي ٿو ته بمبئي جي جديد شهري ماحول ڪيس سنڌ جي روايتي سماج کي نئين نظر سان ڏسڻ جو موقعو ڏنو تعليم مڪمل ڪرڻ کانپوءِ قاضي عبدالمجيد عابد پنهنجي پروفيشنل زندگيءَ جي شروعات ڪراچي جي تاريخي درسگاهه سنڌ مدرسة الاسلام ۾ استاد طور ڪئي هي مرحلو سندس زندگيءَ ۾ ان ڪري به اهم هو جو استاد جي حيثيت سان علم سان سڌو سنئون واسطو سندس اڳتي جي زندگيءَ ۾ پڻ نظر اچي ٿو هو صحافي ٿيو ته علم کي اخبار وسيلي عام ڪرڻ لڳو سياستدان ٿيو ته تعليم ۽ ادارن جي مسئلن کي اهميت ڏنائين ۽ ليکڪ ٿيو ته پنهنجي مشاهدي کي ڪتابن ۽ مضمونن ۾ محفوظ ڪيائين

روزاني "عبرت" جي نالي سان سندس وڏو صحافتي سفر شروع ٿيڻ کان اڳ قاضي عبدالمجيد عابد سنڌي صحافت جي اهم اخبار "الوحيد" سان وابسته رهيو هن اتي سب ايڊيٽر ۽ نيوز ايڊيٽر طور ڪم ڪيو "الوحيد" ان دور ۾ سنڌ جي سياسي ۽ قومي شعور جي اڏاوت ۾ اهم ڪردار ادا ڪندڙ اخبار هئي. هتي ڪم ڪندي قاضي عابد خبر جي چونڊ، خبر جي اهميت، ايڊيٽنگ، سياسي واقعن جي رپورٽنگ ۽ اخبار جي مجموعي ادارت جا بنيادي اصول سکيا. هي تجربو سندس اڳتي جي صحافتي زندگيءَ لاءِ بنياد بڻيو هو رڳو خبر ڇاپيندڙ نه رهيو پر اخبار کي هڪ فڪري ۽ سماجي ادارو بڻائڻ جو تصور سندس ذهن ۾ وڌيڪ واضح ٿيندو ويو روزاني "عبرت" بابت عام طور تي اهو تصور ڪيو ويندو آهي ته اها اخبار قاضي عبدالمجيد عابد پاڻ شروع ڪئي پر ان جي شروعاتي تاريخ وڌيڪ دلچسپ آهي "عبرت" ڀهريان مشهور اديب محمد عثمان ڏيپلائي طرفان رسالي جي صورت ۾ جاري ڪئي وئي هئي قاضي عبدالمجيد عابد ان کي خريد ڪيو ۽ 1958ع ۾ حيدرآباد مان وڏي روزاني اخبار جي صورت ۾ جاري ڪيو ان فيصلي سان سنڌي صحافت ۾ هڪ نئون باب شروع ٿيو.

قاضي عابد لاءِ اخبار رڳو ڪاروباري ادارو نه هئي سندس فڪر ۾ اخبار علم، خبر، ادب، عوامي مسئلن ۽ سياسي شعور کي عام ڪرڻ جو هڪ طاقتور ذريعو هئي هو سمجهندو هو ته پڙهيل لکيل سماج کانسواءِ مضبوط جمهوريت ممڪن ناهي ۽ صحافت عوام کي ڄاڻ ڏيڻ سان گڏ حڪمرانن کان سوال ڪرڻ جو ذريعو پڻ آهي "عبرت" کي وڌائڻ سان گڏ هن ان ۾ مختلف طبقن لاءِ مواد جي گنجائش پيدا ڪئي ادب، ٻارن، عورتن، سماج، سياست ۽ ثقافت سان لاڳاپيل موضوعن کي جاءِ ڏيڻ جو رجحان وڌيو اڳتي هلي عبرت هڪ اهڙي اخبار بڻجي وئي جيڪا سنڌ جي شهرن سان گڏ ٻهراڙين ۾ پڻ وڏي تعداد ۾ پڙهي ويندي هئي قاضي عبدالمجيد عابد صحافت کي هڪ ٿي اخبار تائين محدود نه رکيو 1971ع ۾ هن "روزاني سنڌ نيوز" پڻ جاري ڪئي ان دور ۾ سنڌ سياسي تبديليءَ جي اهم مرحلي مان گذري رهي هئي 1970ع جون چونڊون، نئون سياسي منظرنامو، سنڌ جي خودمختياريءَ جا سوال ۽ جمهوري حقن بابت بحث سماج ۾ تيز ٿي رهيا هئا. اهڙي ماحول ۾ "سنڌ نيوز" پڻ سياسي ۽ سماجي شعور جي اظهار جو هڪ وسيلو بڻي

قاضي عبدالمجيد عابد جو صحافتي تصور اهو هو ته اخبار کي وقت جي سوالن کان منهن موڙڻ بدران انهن کي عوام جي سامهون رکڻ گهرجي هن صحافت کي اقتدار جي ترجمان بدران عوام جي آواز طور ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي سندس زندگيءَ جو هڪ اهم پاسو اهو پڻ آهي ته سياست ۾ وڏن عهدن تي اچڻ کان اڳ هن انتظامي ۽ بلدياتي نظام ۾ عملي تجربو حاصل ڪيو 1939ع ۾ هو حيدرآباد ميونسپلٽي جو چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر مقرر ٿيو اهو مرحلو سندس انتظامي



صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ وارو هو. ميونسپل انتظام هلائڻ جو تجربو ڪيس شهر جي بنيادي مسئلن پاڻي، صفائي، روڊن، باغن، شهري سهولتن ۽ عام ماڻهن جي روزمره ضرورتن سان ويجهو ڪري ويو اڳتي هلي جڏهن هو بلدياتي سياست ۾ داخل ٿيو ته ڪيس شهر جي انتظام جو عملي تجربو اڳ ئي حاصل هو 1952ع ۾ قاضي عبدالمجيد عابد حيدرآباد ميونسپلٽي جو صدر بنامقابلو چونڊيو ويو اهو سندس سياسي سفر جو اهم سنگ ميل هو ورهاڱي کانپوءِ حيدرآباد جو سياسي ۽ سماجي ماحول تيزيءَ سان تبديل ٿي رهيو هو شهر ۾ نوان آباد ٿيندڙ ماڻهو، پراڻا سنڌي خاندان، واپاري طبقا، سياسي ڌريون ۽ مختلف سماجي قوتون پنهنجي پنهنجي جاءِ تي اثر رکڻ جي ڪوشش ڪري رهيون هيون اهڙي ماحول ۾ قاضي عابد جو بلدياتي سطح تي اعتماد حاصل ڪرڻ سندس عوامي قبوليت جي علامت هو سندس دور کي شهري انتظام سان جوڙيندي حيدرآباد جي باغن، واهن، صفائي ۽ پاڻيءَ جي نظام بابت به مختلف روايتون بيان ڪيون وڃن ٿيون راڻي باغ سميت شهر جي خوبصورتي ۽ شهري سهولتن لاءِ فنڊ استعمال ڪرڻ جي ڪوشش جو ذڪر پڻ سندس انتظامي خدمتن جي حوالي سان ڪيو وڃي ٿو سندس شخصيت جو هڪ نمايان پاسو اهو هو ته هو سياست کي رڳو اقتدار حاصل ڪرڻ جو ذريعو نه سمجهندو هو بلدياتي سطح کان وفاقي وزارتن تائين سندس سفر ۾ انتظام، ادارن ۽ ماڻهن سان لاڳاپو اهم رهيو سندس آفيسن جا دروازا عام ماڻهن لاءِ کليل رکڻ جي روايت بابت سندس ويجهن ماڻهن جا ڪيترائي احوال ملن ٿا سندس سياسي حيثيت وڌندي وئي پر عام ماڻهوءَ سان ملاقات ۽ سندس مسئلو ٻڌڻ کي هو پنهنجي ذميواري سمجهندو رهيو اهوئي سبب آهي جو سندس سياسي سفر کي رڳو عهدن جي فهرست سان بيان ڪرڻ سندس شخصيت سان انصاف نه ٿيندو هن جي اصل سڃاڻپ انهن ماڻهن سان سندس لاڳاپي ۾ پڻ هئي، جيڪي پنهنجا مسئلا کڻي وٽس ايندا هئا.

قاضي عابد جي صحافتي سوچ جو هڪ اهم پاسو اخبار کي خودمختيار ادارو بڻائڻ هو سنڌي صحافت جي شروعاتي دور ۾ اخبارن جي مالي بقا لاءِ چندي، سياسي سهڪار يا ذاتي وسيلن تي ڀاڙڻو پوندو هو قاضي عابد جديد تجارتي اشتهارن جي اهميت کي سمجهيو ۽ "عبرت" کي اهڙي ڪاروباري بنياد تي بيهارڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن سان اخبار ڪنهن هڪ سياسي ڌر يا حڪومت جي مالي سهاري جي محتاج نه رهي هن يورپ ۽ بمبئي جي اخبارن جي ڪاروباري ماڊل مان سکندي تجارتي اشتهارن کي اخبار جي آمدنيءَ جو اهم ذريعو بڻايو اهو قدم سنڌي صحافت لاءِ اهم موڙ هو ڇاڪاڻ ته مالي خودمختياري صحافتي خودمختياريءَ کي به مضبوط ڪري سگهي ٿي

قاضي عابد جي ادارتي انداز جي هڪ خاص ڳالهه اها هئي ته هو نون لکڻ وارن کي مايوس ڪرڻ جي بجاءِ کين موقعو ڏيڻ تي يقين رکندو هو "عبرت" ۾ ڪيترن ئي نون ليکڪن جا مضمون ابتدا ڪري شايع ٿيندا هئا. اخبار ڪيترن نوجوانن لاءِ صحافتي تربيت جو ادارو بڻجي وئي ڪيترائي اهڙا ماڻهو، جيڪي اڳتي هلي سنڌي صحافت ۽ ادب ۾ نالا بڻيا، انهن جي عملي تربيت ۾ عبرت جي ماحول جو حصو رهيو قاضي عابد پاڻ کي عالم يا وڏو اديب قرار ڏيڻ کان پاسو ڪندو هو پر علم سان سندس چاهه وسيع هو سندس نظر ۾ علم رڳو اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽي جي تعليم جو نالو نه هو، انسان، فطرت، جانورن، پکين، سماج، تاريخ ۽ زندگيءَ جي مختلف پاسن بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ پڻ علم جي دائري ۾ ايندو هو "عبرت" کي هن انهيءَ علم کي عام ماڻهن تائين پهچائڻ جو هڪ مؤثر وسيلو بڻايو

قاضي عبدالمجيد عابد جي شخصيت ۾ ليکڪ جو پاسو پڻ موجود هو هن روزاني "عبرت" ۾ ادبي ۽ سماجي ڪهاڻيون قسطوار لکيون سياسي مضمونن ۽ تجزين کان علاوه تخليقي لکڻين ڏانهن سندس لاڙو ظاهر ڪري ٿو ته سندس شخصيت صرف سياست ۽ صحافت جي دائري تائين محدود نه هئي سندس پرڏيهي سفرن جا مشاهدا اڳتي هلي سفرنامي جي صورت ۾ پڻ سامهون آيا. سندس مشهور "يورپ جو سفرنامو" نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد طرفان 1984ع ۾ ڇپيو، جنهن ۾ يورپ جي سماج، تهذيب، ترقي ۽ نظام بابت سندس مشاهدا شامل هئا. هن لاءِ اخبار روزاني شعور جو وسيلو هئي ته ڪتاب ڊگهي عرصي لاءِ فڪر کي محفوظ رکڻ جو ذريعو هو انهيءَ ڪري سندس صحافتي ۽ پبليڪيشن وارين سرگرمين هڪ ٻئي سان ڳنڍيل نظر اچن ٿيون. قاضي عبدالمجيد عابد جي شخصيت جو جائزو وٺندي هڪ ڳالهه نمايان نظر اچي ٿي: سندس پاڙون سيوهڻ جي قديم علمي ۽ سياسي ماحول ۾ هيون، جڏهن ته سندس نظر جديد دنيا، جديد صحافت ۽ جديد ادارن ڏانهن هئي هڪ طرف سونهري ماڙي، قاضي محلو، علمي مجلسون، ديني ۽ قومي تحريڪن جون يادون هيون، ته ٻئي طرف بمبئي يونيورسٽي، جديد اخبارون، جديد انتظام، تجارتي اشتهار، پبلشنگ ۽ جديد سياسي سوچ اهوئي امتزاج سندس شخصيت کي ٻين کان الڳ بڻائي ٿو هو روايت کان ڪٽيل جديديت پسند نه هو ۽ نه ئي جديد دنيا کان لاتعلق روايتي ماڻهو هن پنهنجي تاريخي سڃاڻپ کي ساڻ ڪئي جديد صحافت ۽ سياست جي دنيا ۾ اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪئي صحافت کي جديد رخ ڏيڻ لاءِ هن اخبار اندر مختلف شعبن کي اهميت ڏني "عبرت" ۾ عورتن، ٻارن، ادب ۽ شوبز لاءِ الڳ صفحن ۽ هفتيوار رنگين مئگزين جو تصور متعارف ڪرايو ويو ان سان سنڌي گهرن ۾ اخبار پڙهڻ جو دائرو وڌيو اخبار رڳو سياسي خبرن تائين محدود نه رهي، پر ٻارن، عورتن، ادب، ثقافت ۽ فلمي دنيا سان لاڳاپيل مواد به پڙهندڙن تائين پهچڻ لڳو اهڙي تبديليءَ سان اخبار گهريلو پڙهندڙن تائين پهتي ۽ سنڌي سماج ۾ اخبار پڙهڻ جو هڪ نئون ثقافتي رواج پيدا ٿيو.

قاضي عابد صحافت ۾ ادارتي نظام کي به اهميت ڏني "عبرت" ۾ باقاعده ايڊيٽوريل بورڊ جو تصور اڳتي وڌايو ويو، جنهن ۾ سياست، تاريخ، معيشت ۽ بين الاقوامي معاملن جهڙن شعبن تي ڌيان ڏنو ويو ان سان اخبار جي ادارتي معيار کي وسيع ڪرڻ جي ڪوشش ٿي هن جو مقصد اهو هو ته اخبار ڪنهن هڪ ماڻهوءَ جي ذاتي راءِ جو نالو نه رهي، پر مختلف موضوعن تي ڄاڻ رکندڙ ماڻهن جي علم ۽ تجربي مان فائدو ورتو وڃي اهڙيءَ طرح هن سنڌي صحافت ۾ مراسلاتي نيٽورڪ کي به وڌايو سنڌ جي ننڍين شهرن، ڳوٺن ۽ ٻهراڙين ۾ مقامي نمائندن ۽ صحافين جو جار قائم ڪيو ويو ان سان ٻهراڙيءَ جي ماڻهن جا مسئلا، مقامي انتظاميا جون حالتون، هارين جون تڪليفون ۽ عام ماڻهن جون شڪايتون اخبار تائين پهچڻ لڳيون "عبرت" آهستي آهستي سنڌ جي شهرن سان گڏ ڳوٺن جي به اخبار بڻجي وئي اخبار جو اهو نظام رڳو خبرن جي واڌ نه هو، پر سنڌي سماج جي مختلف طبقن کي هڪ ٻئي سان ڳنڍڻ جو ذريعو پڻ هو.

قاضي عابد صاحب صحافت کان سياست جي قومي ميدان تائين

قاضي عابد صاحب جو سياسي سفر پڻ سندس صحافتي سفر وانگر ڪيترن مرحلن مان گذريو 1940ع واري ڏهاڪي ۾ مسلم ليگ سان وابستگي، ورهاڱي کان پوءِ بلدياتي سياست، 1970ع واري ڏهاڪي جي سياسي ماحول ۾ اڳتي هلي قومي سياست تائين سندس ڪردار مختلف روپن ۾ سامهون آيو 1971ع ۾ "روزاني سنڌ نيوز" جاري ڪرڻ پڻ سندس صحافتي سرگرميءَ جو اهم باب هو هن اخبار کي جمهوري شعور ۽ سنڌي عوام جي سياسي مسئلن جي اظهار جو ذريعو بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي ون يونٽ جي دور ۽ ان کان پوءِ سنڌي ٻولي ۽ سنڌ جي حقن بابت سندس صحافتي موقف به سندس فڪري سفر جو حصو رهيو قاضي عابد صاحب جي زندگيءَ ۾ صحافت ۽ سياست هڪ ٻئي کان جدا شعبا نه هئا. هو سمجهندو هو ته صحافي کي حڪمرانن کان سوال ڪرڻ گهرجن ۽ سياستدان کي عوام جي سوالن جا جواب ڏيڻ گهرجن انهيءَ سوچ سبب ئي هن پنهنجي اخبار جي آزاديءَ کي سياسي لاڳاپن کان متاثر نه ٿيڻ ڏنو 1970ع واري ڏهاڪي ۾ ذوالفقار علي ڀٽو جي حڪومت سان سندس خاندان جا سياسي لاڳاپا هجڻ باوجود، پريس جي آزاديءَ بابت سندس موقف کي سنڌي صحافتي زندگيءَ جو اهم اصول سمجهيو وڃي ٿو. قاضي عبدالمجيد عابد صاحب جي صحافت سنڌي سماج کي هڪ اهڙو ادارو ڏنو، جيڪو خبر، ادب، تعليم، سياست ۽ ثقافت کي گڏ ڪئي هلڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو هن صحافت کي صرف روزگار نه، پر هڪ سماجي ذميواري سمجهيو سندس لاءِ اخبار جو اصل مقصد اهو هو ته عام ماڻهوءَ جي آواز کي طاقتور ماڻهن تائين پهچايو وڃي، نئين نسل کي پڙهڻ ۽ سوچڻ جي عادت وڌي، سنڌي ٻوليءَ کي جديد صحافتي اظهار ملي ۽ سنڌ جي علمي ۽ ثقافتي ورثي کي محفوظ رکيو وڃي

(هلندڙ)

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

ڪورٽ نوٽيس

ڪورٽ نوٽيس

عام اطلاع

Oil & Gas Development Company Limited

ogdcl the energy

INVITATION TO E-BID

THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-ARIBA Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules;

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-LH-PT-PNP-332377849-2026	SUPPLY OF BEARINGS	15.09.2026 1130 Hrs
2.	OGDCL-SCM-LH-PT-PNP-MELA-332383715-2026	SUPPLY OF PIPE FITTINGS	15.09.2026 1130 Hrs
3.	OGDCL-SCM-LD-PT-RIGMAINT-332231572-2026	SUPPLY OF FIRE FIGHTING PUMPS	17.09.2026 1130 Hrs

EXTENSION IN BID

CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice published in newspaper(s) on **13.08.2026** and **18.08.2026**, it is notified that the bid submission/opening date of the following case(s) has been extended as follows:

SR #	TENDER NO	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-LE-PT-ACC-329540241-2026	ANNUAL REPORTS 2026	01.09.2026 1130 Hrs
2.	OGDC-SCM-LH-PT-EXPL-329566828-2026	DESKTOP WORKSTATIONS	11.09.2026 1130 Hrs

3. Bidders who have already submitted and sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date and time.
5. Tender Notice and detailed instructions are available on PPRA website at **www.ppra.org.pk.**
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **discovery.ariba.com/profile/AN01562899621**. For details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDCL Headquarters, Plot 03, F-6/G-6, Jinnah Avenue, Blue Area Islamabad-Pakistan.
Ph: +92 (51) 92002 3540 / 3795

ogdcl.com
No.113/08

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION — WE EXPLORE PROSPERITY

نصيرآباد ۾ فوڊ کاٽي جي مبينا ناجائزن رائيس مل مالڪن جو مظاهرو 7 ڪلاڪ ڌرڻو

سنڌ بلوچستان رائيس ملرس ايسوسيئيشن جي سنڌ تي انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو هٽي احتجاج ڪيو ويو

ڌرڻي سبب سوين گاڏيون بيهجي ويون، مختلف شهرن ڏانهن اينڊ ويندڙ ٽريفڪ معطل، مسافر سخت پريشان

ڊي سي پهچي مظاهرين سان ڳالهيون ڪري ڌرڻو ختم ڪرايو، ڪٽڪ ڪنڊ فوڊ انسپيڪٽر بدلي

نصيرآباد (ن ع) نصيرآباد ۾ انڊس هاءِ وي پاس تي سنڌ بلوچستان رائيس ملرس ايسوسيئيشن جي سنڌ تي سوين رائيس ملرس پاران فوڊ کاٽي جي مبينا ناجائزن ۽ فوڊ انسپيڪٽر بشير مينگل پاران باهم جي سيلر سان زوري ڪٽڪ ڪانٽ واري عمل خلاف مرڪزي جنرل سيڪريٽري اسد اعجاز تنيو جي اڳواڻي ۾ شامياڻا لڳائي ست ڪلاڪ احتجاجي ڌرڻو هٽي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو جنهن سبب مختلف شهرن ڏانهن اينڊ ويندڙ ٽريفڪ معطل ٿي وئي سخت گرميءَ دوران مسافرن کي سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پيو ان موقعي تي ڌرڻي ۾ صحافين سان ڳالهائيندي اڳواڻن اسد اعجاز تنيو نياز علي بروڙو حاجي ثواب علي تنيو محمد هاشم چانڊيو امتياز علي ببر رميش لعل ۽ ٻين چيو ته اسان ملڪ جي معيشت جي واڌاري لاءِ ريڙهه جي هڏي واري اهميت رکئون ٿا ۽ حڪومت جي ٺهيل قانون ۽ اصول مطابق ٽيڪسن پڻ

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5



نصيرآباد: فوڊ کاٽي جي مبينا ناجائزن رائيس مل مالڪن پاران هيٺل ڌرڻي جو ڏيک ۽ روڊ تي گاڏين جو قطارون بيٺل نظر اچي رهيون آهن

ٻلهڙو: گرلس هائير سيڪنڊري اسڪول جا بنيادي مسئلا حل نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

560 ڪان وڌيڪ شاگردياڻين لاءِ رڳو پنج ڪمرا، تعليمي سرگرميون سخت متاثر ٿيڻ جو انڪشاف

سائنس هال، آر او پلانٽ ۽ ٻين اسڪيمن جا ڪم سالن ڪان رولڙي جو شڪار، سهولتن جي کوٽ

شاگردياڻين ۽ استادن جو مسئلا فوري حل ڪري اسڪول ۾ بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ جو مطالبو

ميرپوربٺورو (ن ع) ميرپوربٺورو جي گرلس هائير سيڪنڊري اسڪول جا بنيادي مسئلا حل نه ٿيڻ خلاف اسڪول جي هيڊ ماسٽر نور محمد ڪيبر جي اڳواڻي ۾ شاگردياڻين پاران احتجاجي مظاهرو ڪندي بنيادي مسئلا حل ڪيو وڃي انهي موقعي تي احتجاج ڪندڙ شاگردياڻين ٻڌايو ته گرلس هائير سيڪنڊري اسڪول ميرپوربٺورو بنيادي مسئلن جي ور چڙهي ويو آهي اسڪول جي سائنس هال جي مرمت ڪرڻ جي آڙ ۾ ٺيڪيدار ٺهيل هال جي ڇت جو لڪين رپين جو لوهه ڪٽي سالن ڪان غائب ٿي ويو اسڪول ۾ پيئڻ جي پاڻي لاءِ ٺهيل اسڪيم سميت ڪجهه ڪمرن ۽ هڪ هال جو ڪم سالن کان رولڙي جو شڪار هجڻ ڪري ڪمرن جي کوٽ سبب اسان

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

پيرجوڳوٺ ۾ وڌندڙ بدامني خلاف ريلي، لوڪل پوليس اهلڪارن کي هٽائڻ جو مطالبو

ڏنگري تعلقو بدامني جي باهه ۾ سڙي رهيو آهي، ڪاروبار ٺپ ۽ شهري لڏپلاڻ تي مجبور آهن: مظاهرين

موٽر سائيڪل ڦرلٽ ۽ چورين ۾ اضافو عام ٿي ويو، ڪو به شهري محفوظ ناهي: يوٿ سيد اتحاد

گمبٽ (رپورٽ: مريد ڏاتوري) يوٿ سيد اتحاد شهري اتحاد پيرجوڳوٺ پاران پيرجوڳوٺ ۽ ان جي آس پاس ٿيندڙ وڌندڙ بدامني خلاف روحاني پيشوا سائين پير پاڳارو سيد شاه محمد شاه ڏاني جي سالن سيد آفتاب شاه راشدي سيد قائق علي شاه شهرن وارن علائقن ۾

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

گمبٽ لڳ مهرن جي ڏڙي ۾ منشيات جو سرعام ڪاروبار هلندڙ ۾ ڇٽا فوٽ

اسڪولي ٻارن ۾ به آئس جي نشي جو رجحان وڌڻ جو الزام، علائقي واسي پريشان

منشيات فروشن خلاف ڪارروائي نه ٿيڻ تي پوليس تي خاموشي اختيار ڪرڻ جو الزام

گمبٽ (ت ر) گمبٽ لڳ ڪوٽڏيجي ٿاڻي جي حد ڳوٺ مهرن جي ڏڙي تي ڏينهن رات منشيات جو ڪرو سرعام هلڻ لڳا آهن جو عمل جاري آهي سوالي مستي ۾ مست جڏهن ته ان اڏهن تي اسڪولي ٻارن جي ۾ رش عام ۽ جام آهي ۽ اسڪولي ٻار اسڪول وڃڻ بدران سوالين جي اڏهن تي آئس جي نشي جي ميخانن آباد ۽ ڪرو ۽ استعمال سوالين جا ميخانن آباد ۽ استعمال جڏهن ته 15

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر ويجهو پراڻي دشمني تان جهيڙو، فائرنگ ۾ نوجوان سخت زخمي

ڳوٺ جمال خان بوزدار ۾ بوزدار برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ تڪرار تان فائرنگ

گولين لڳڻ سبب منير احمد بوزدار سخت زخمي ٿي پيو ناڙڪ حالت ۾ سکر ريفر

خانپورمهر(ن ع) خانپورمهر ويجهو سهڻجڙو بوزدار واري علائقي جي ڳوٺ جمال خان بوزدار ۾ پراڻي دشمني هڪ پيرو بيهر تڪرار جو سبب بڻجي وئي جتي بوزدار برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙي دوران فائرنگ ۾ نوجوان منير احمد بوزدار گولين لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي پيو زخمي نوجوان کي فوري طور طبي امداد لاءِ شيخ همدان بن محمد تعلقي اسپتال

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5



حيدرآباد: جماعت اصلاح المسلمين پاران جشن عيد ميلاد النبي جي موقعي تي نڪتل ريلي جو ڏيک

حيدرآباد بار جي جنرل سيڪريٽري ايڊووڪيٽ عبدالرزاق درس کي ڳوٺ غازي خان هنگورجو ۾ آجياڻو

رشتيدارن، عزيزن ۽ ڳوٺاڻن پاران محبتن ۽ مانُ سان شاندار آجيان، مختلف شخصيتن جي شرڪت

وڪيل دوستن اعتماد ڪندي بار جو جنرل سيڪريٽري چونڊيو، نمبرارين پرپور نموني نڀائڻ جو عزم: عبدالرزاق درس

ڪيرو (ت ر) حيدرآباد بار جو جنرل سيڪريٽري ايڊووڪيٽ عبدالرزاق درس کي ڳوٺ غازي خان هنگورجو ۾ سندس رشتيدارن عزيزن ڳوٺاڻن پاران آجياڻو ڏنو ويو ان موقعي تي ايڊووڪيٽ عبدالرزاق درس چيو ته هو ساٿين پاران ڏنل محبتن تي ٿورائتو آهي هن چيو وڪيل دوستن اعتماد ڪندي ڪيس بار جو جنرل سيڪريٽري طور چونڊيو آهي ان جي ڪوشش هوندي ته سنڌ جو ڪيس ۽ مظلوم ساٿين جو ساٿ هو پرپور نموني سان ڏني سگهي ان موقعي تي سائيتداد

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

ٻلڙي شاهه ڪريم ۾ "پڙهندي سنڌ، وڌندي سنڌ" جي سري هيٺ انرولمينٽ ڊرائيو ريلي

گورنمينٽ ڪمپس هاءِ اسڪول مان تعلقي جي مختلف اسڪولن جي سوين شاگردن ۽ استادن جي وڏي ريلي

شاگردن ۽ استادن پاران بينرز ۽ پينافليڪس کڻي "پڙهندي سنڌ، وڌندي سنڌ" جا نعرا هنيا ويا

ٻلڙي شاه ڪريم (ت ر) ٻلڙي شاه ڪريم ۾ انرولمينٽ ڊرائيو پڙهندي سنڌ وڌندي سنڌ جي سري هيٺ گورنمينٽ ڪيمپس هاءِ اسڪول ٻلڙي شاه ڪريم ۽ تعلقي جي ٻين اسڪولن جي سوين شاگردن سان تعلق ايجوڪيشن ايليمينٽري سيڪنڊري ۽ هائير سيڪنڊري سيد وارث علي شاه هيڊ ماسٽر الله جڙيو سليو هيڊ ماسٽر مٺان سليو هيڊ ماسٽر محمد خان سليو هيڊ ماسٽر نور محمد خاصخيلي ۽ ٻين اسڪولن جي انچارج هيڊ ماسٽرن سان

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5



ميرپور ماٿيلو: گهوٽڪي جي تاريخ ۾ پهريون پيرو ڪچي جي علائقي ۾ قائم ڪيل اسڪول جو افتتاح ڪيو پيو وڃي

ٻلڙي شاهه ڪريم ۾ جشن عيد ميلادالنبي ﷺ جي سلسلي ۾ تعلقي سطح جو پروگرام

گورنمينٽ ڪيمپس هاءِ اسڪول ۾ مختلف اسڪولن جي شاگردن پاران نعت، تقرير ۽ قرئت جا مقابلا

پهرين، ٻي ۽ ٽين پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگردن ۾ انعام ورهايا ويا، استادن ۽ شاگردن جي وڏي انگ ۾ شرڪت

ٻلڙي شاه ڪريم (ت ر) جشن عيد ميلاد النبي صم ٻنهي جهانن جي سردار حضرت محمد مصطفيٰ صم جي جشن عيد ميلادالنبي صم جي سلسلي ۾ ٻلڙي شاه ڪريم جي گورنمينٽ ڪيمپس هاءِ اسڪول ۾ تعلقي ليول جو جشن عيد ميلادالنبي پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ تعلقي ٻلڙي شاه ڪريم جي مختلف اسڪول گورنمينٽ هاءِ اسڪول عبدالرحيم ڪاتيار جهنگ ڪاتيار اسڪول سعيد خان لنڊ اسڪول ملاڪاتيار اسڪول ڏاڏرن

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

پمز اسپتال ۾ 14 ڏينهن ڄاول ٻارڙي جي فوتگي تي سکر چيمبر جو گهري ڏک جو اظهار

مدر اينڊ چائلڊ وارڊ ۾ باهه واري سانحي تي حفاظتي انتظامن بابت سنجيده سوال اٿن ٿا: سکر چيمبر

ملڪ جي سرڪاري ۽ خانگي اسپتالن ۾ فوري فائر سيفٽي آڊٽ، ايمرجنسي رستن ۽ عملي جي تربيت جو جائزو ورتو وڃي

سکر(بيورو رپورٽ) سکر چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري جي سرپرست وقار محمود خان فيڊريشن جي نائب صدر ۽ سنڌ ريجنل چيئرمين بلال وقار خان چيمبر جي صدر محمد خالد ڪاڪيزئي سينيئر نائب صدر اسيت ڪمار نائب صدر ملڪ محمد اويس رئيس اڳوڻن صدرن ۽ مجلس انتظاميا جي ميمبرن پمز اسپتال اسلام آباد جي مدر اينڊ چائلڊ وارڊ ۾ باهه لڳڻ جي نتيجي ۾ 14 ڏينهن ڄاول ٻارڙي جي فوت ٿيڻ تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

درگاهه غلام حيدر گوڏڙيءَ جي 152هين ساليانو عرس جون ٽن ڏينهن واريون تقريبون شروع

گادي نشين فقير سڪندر علي شر مزار تي چادر چاڙهي عرس جي تقريبن جو افتتاح ڪيو

سنڌ ۽ بلوچستان سميت مختلف علائقن مان زائرين، عقيدتمندن ۽ مريدن جي وڏي انگ ۾ آمد

ٺري ميرواهه(ن ع) درگاهه غلام حيدر گوڏڙي جي 152هين ساليانو عرس جون ٽن ڏينهن واريون تقريبون شروع ٿي ويون ٺري ميرواهه پرسان ڳوٺ سيگهو فقير شر ۾ درگاهه غلام حيدر گوڏڙي جي 152هين ساليانو عرس جون ٽن ڏينهن واريون تقريبون شروع ٿي ويون آهن عرس جي تقريبن جو افتتاح علي شر درگاهه تي چادر چاڙهي افتتاح ڪيو تفصيل موجب مختلف علائقن مان زائرين عقيدتمندن ۽ مريدن جي وڏي انگ ۾ آمد جو سلسلو جاري گادي نشين فقير سڪندر

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5



گولاڙچي: جشن عيدميلاد النبي جي موقعي تي نڪتل مرڪزي ريلي جو ڏيک



حيدرآباد: فيضان مدينا مدرسي طرفان جشن عيد ميلادالنبي جي موقعي تي نڪتل ريلي ۾ اڳواڻ شريڪ آهن

راڌڻپور پرسان اوڌر تي سودو نه ڏيڻ تان جهيڙو، 5 ڄڻا زخمي

ڳوٺ وڏا پيلار ۾ ڪرياڻه دڪان تي حملي ۾ مهدي ڏنو پهلوان ۽ ٻيا زخمي ٿيا

زخمي کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، راڌڻپور ٿاڻي تي اين سي داخل

راڌڻپور(ن ع) راڌڻپور لڳ ڳوٺ وڏا پيلار ۾ ڪرياڻه جي دڪان جو اوڌر تي سودو نه ڏيڻ تي جهيڙو ڪرڻ سبب پنج ڄڻا زخمي زخمين کي راڌڻپور اسپتال منتقل راڌڻپور ٿاڻي تي اين سي داخل ڳوٺ پيلار واسي علي جان پيلار غلام عباس جماعت علي سرمد ۽ ظامن علي پيلار ميڊيا سان ڳالهائيندي الزام هنيو آهي ته هو پنهنجي دڪان تي ويٺا هئا ته جوابدارن مهدي ڏنو پهلوان عنايت شرافت ۽ نواب پيلار مبينا طور هٿن ۾ ڪهاڙيون

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

بدين جي سرڪاري اسڪول مان هيو پيرو سولر تارون چوري، انتظاميا پريشان

گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري سنڌي اسڪول کي 60 ڪان 70 هزار رپين جو نقصان

ٻه ڏينهن اندر ٻيهر چوري، انتظاميا پاران سٽي ٿاڻي تي شڪايت داخل

بدين (ڊ ر) گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري سنڌي اسڪول بدين مان هيو پيرو سولر جون تارون چوري ٿي وڃڻ ۽ ٻه ڏينهن اڳ چور اسڪول مان سولر جون تارون ڪٽي ويا هئا جنهن بعد اسڪول انتظاميا پوليس مان مايوسي سبب شڪايت داخل نه ڪرائي 2600 رپين جون نيون تارون خريد ڪري لڳايون پر رچ ۾ هڪ ڏينهن جي وقفي ڪانپوءِ اڄ صبح تقريبن 6 وڳي چور ٻيهر سولر جون تارون ڪٽي ويا جنهن سبب اسڪول کي لڳ ڀڳ 60 ڪان 70 هزار

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

بدين جي قائداعظم روڊ جي ناقص تعمير جو پول کلي ويو، هيوي لوڊر ٽرڪ ڌنسجي وئي

ڪروڙين رپين جي خرچ باوجود روڊ جي معيار تي سوال، شهرين جو سخت احتجاج

غير معياري پراڻي سبب حادثن جا خدشا وڌي ويا، دڪاندار وڏي نقصان کان بچي ويا

بدين (ڊ ر) بدين شهر جي اهم شاهراهه قائداعظم روڊ ناقص تعميس مبينا ڪرپشن ۽ لاڳاپيل انتظاميا ٺوڙي ٺيڪيدارن جي مبينا لاپرواهي سبب تعمير ٿيڻ کان اڳ تباهه هڪ هيوي لوڊر ٽرڪ روڊ جي ناقص پراڻي واري حصي ۾ ڌنسجي وئي دڪاندار وڏي نقصان کان بچي ويا ڪجهه ڏينهن اڳ قائداعظم روڊ جي مختلف هنڌن تي نئين سر تعمير جي نالي سان پيرو بلاڪن واري روڊ کي ڪوٽي وڏا کڏا ڪاهيا ويا هئا ڪوٽيل حصن ۾ غير معياري نموني پراڻي ڪري

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ موبائيل فون ڦر دوران مزاحمت تي فائرنگ ۾ نوجوان زخمي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي وليد ٿاڻي جي حد نيو بس اسٽينڊ واري علائقي ۾ مبينا طور موبائيل فون ڦرڻ دوران مزاحمت تي هٿياربندن فيصل ڪالوني واسي 18 ورهين جي نوجوان فرحان علي پٽ حمزه بليدي کي گولي هڻي زخمي ڪري فرار ٿي ويا، اطلاع تي پوليس پهچي واقعي بابت تفصيل ورتا بعد ۾ زخمي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5



حيدرآباد مرڪز اهلسنت طرفان 12 ربيع الاول جشن عيد ميلاد النبي جي موقعي تي ريلي ڪڍي پئي وڃي



ڪنڊيارو: مبينا پوليس مقابلي ۾ زخمي حالت ۾ گرفتار جوابدار اسپتال داخل آهي

خيرپور واسي انجنيئر فيصل گلزار پتو جي قتل جي ڪراچي بار ايسوسيئيشن پاران مذمت

حسين آباد اسٽاپ وٽ ڦر مزاحمت دوران فيصل گلزار پتو جي قتل تي وڪيل برادري پاران ڏک ۽ افسوس جو اظهار

قتل ڪيس جي ايف آءِ آر داخل نه ٿيڻ تي ڳڻتي، جوابدارن کي فوري گرفتار ڪرڻ جو سنڌ پوليس کان مطالبو

خيرپور(ڊ ر) خيرپور: ڪراچي بار ايسوسيئيشن پاران خيرپور واسي انجنيئر فيصل گلزار پتو جي وحشياڻي قتل جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي سنڌ پوليس کان جوابدارن کي فوري گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي ڪراچي بار ايسوسيئيشن پاران جاري ڪيل مذمتي بيان ۾ چيو ويو آهي ته مليل ڄاڻ موجب ايڊووڪيٽ سارنگ گلزار پتو جو ڀاءُ فيصل گلزار پتو جي پنهنجي دوست دانيال پٽي سان گڏ نارو ڪان خيرپور گهر واپس

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

فيصل گلزار پتو جي قتل جو فريال ٽالپر نوٽيس ورتو، جوابدارن جي فوري گرفتاري جون هدايتون

فريال ٽالپر جو گهرو وزير ۽ آءِ جي سنڌ سان رابطو، قتل ڪيس جي جاچ تيز ڪرڻ جو حڪم ڏنو

جوابدارن کي ڪنهن به صورت ۾ قانون جي گرفت کان بچڻ نه ڏنو ويندو: فريال ٽالپر

خيرپور(ڊ ر) خيرپور: پاڪستان پيپلزپارٽي جي سرڪردي اڳواڻ فريال ٽالپر پاران خيرپور پرسان حسين آباد اسٽاپ وٽ ڦر مزاحمت دوران قتل ٿي ويل ڊسٽرڪٽ ڪائونسل آفيسر فيصل گلزار پتو جي قتل جو نوٽيس وٺندي گهرو وزير ۽ آءِ جي سنڌ سان رابطو ڪري لاڳاپيل اختيارين کي قتل ڪيس ۾ ملوث جوابدارن جي فوري گرفتاري جون هدايتون جاري ڪيون آهن فريال ٽالپر چيو آهي ته فيصل پتو جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي ڪنهن به صورت ۾ قانون جي

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ 40 کان وڌيڪ مارڪون ڪڻندڙ استاد اميدوارن جو آفر آرڊرن لاءِ احتجاج

خيرپور(ڊ ر) خيرپور ۾ جي اي ايس ٽي ۽ پي ايس ٽي جي پرتين لاءِ آءِ بي اي ٽيسٽ ۾ 40 کان وڌيڪ مارڪون حاصل ڪندڙ استاد اميدوارن کي آفر آرڊر جاري نه ٿيڻ خلاف ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر سيڪنڊري ۽ پرائمري جي آفيسن ٻاهران احتجاجي ڌرڻو هنيو ويو احتجاج دوران اميدوارن تعليم کاتي خلاف سخت

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

نارو تجل پرسان گئس جو ذخيرو دريافت، حر جماعت جو ڪمپنين خلاف ستين ڏينهن به احتجاج

خيرپور(ڊ ر) نارو تجل پرسان گئس جو ذخيرو دريافت رهواسين جو ستين ڏينهن سوين حر جماعت جي اڳواڻيءَ ۾ نارا جي يو ٽي بي گئس ڪمپني ڪالوڙ ۽ قادنواري گئس ڪمپنين جي مين گيٽ آڏو احتجاج جاري احتجاج ۾ پير صاحب پاڳارا جو مک خليفو محمد هاشم خاصخيلي هاشماڻي ۽ مک خليفو

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5



حيدرآباد: ٽنڊو ڄام جا رهواسي ڪولهي برادري جا ماڻهو بااثر شخص جي زيادتين خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

گولاڙچي ۾ عيد ميلادالنبي ﷺ تي 500 کان وڌيڪ سينگاريل ٽريڪٽرن جي منفرد ريلي

جامع مسجد عثمانيه مان مرڪزي ريلي برآمد، ڪوڙو گهوٽي ڪراڙ ۽ ڏپٽي سميت مختلف علائقن جو 40 ڪلوميٽر سفر

شرڪت ڪندڙن پاران درود ۽ سلام، مختلف هنڌن تي شهرين پاران شاندار استقبال ۽ گلن جي برسات

گولاڙچي (ت ر) گولاڙچي ۾ عيد ميلادالنبي ﷺ جي موقعي تي مختلف شهرن ڳوٺن ۽ ڳوٺن کي سائي جهنڊن جهنڊين سان سينگاريو ويو جڏهن ته جامع مسجد عثمانيه سان عيد ميلادالنبي ﷺ جي سرڪزي ريلي برآمد ٿي جيڪا مختلف روايتي رستن تان گذرندي علائقن ڏانهن روان دوران رهي عيد ميلادالنبي ﷺ جي موقعي تي ڪڍيل منفرد ٽريڪٽر ريلي ۾ 500 کان وڌيڪ ٽريڪٽرن شرڪت ڪئي ريلي گولاڙچي کان شروع ٿي ڪوڙو گهوٽي

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5



سيوهڻ: ٻيرسن پنهنجي پٽ جي مبينا زيادتين خلاف احتجاج ڪندي

ٽنڊو باگو ۾ ايس ٽي پي جو بدين جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ احتجاج

ٽنڊو باگو (ت ر) سنڌ ترقي پسند پارٽي (ايس ٽي پي) طرفان بدين ضلعي ۾ بند پيل اسڪول کولڻ ضلعي ۾ دل جي اسپتال قائم ڪرڻ سرڪاري اسپتالن ۾ دوائن جي کوٽ ختم ڪرڻ لاڙ ڪيمپس

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد پبلڪ لائبريري ۾ "رحمتِ مصطفيٰ ﷺ ۽ انسانيت جي ڀلائي" تي سيمينار

ڪنهن به معاشري جي حقيقي ترقي فڪري روين سان لاڳاپيل آهي: محمد ارشد

تقريب جي شروعات تلاوت ڪلام پاڪ سان ٿي جنهن جي سعادت اسامه حاصل ڪئي

اسوه حسنه ﷺ سموري انسانيت لاءِ امن، محبت، عدل، رواداري جو جامع پيغام آهي: مقررن

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) ڊپارٽمينٽ آف لائبريريز اسلام آباد جي اهتمام هيٺ "رحمت مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم ۽

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5



اسلام آباد: اسلام آباد پبلڪ لائبريري ۾ ٿيل سيمينار کي لائبريريز ڊپارٽمينٽ جو ڊائريڪٽر جنرل محمد ارشد خطاب ڪري رهيو آهي

سيلارجا ۾ عيد ميلادالنبي ﷺ جي سلسلي ۾ شاندار ريلي ڪڍي وئي

سيلارجا(ن ع) جشن عيد ميلاد النبي جي آمد واري موقعي تي پير پيلڙو کان شاندار ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ عاشقان رسول ﷺ جي وڏي انگ ۾ شرڪت تفصيلي خبر موجب ٻنهي جهانن

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

خيرپور پوليس جي اهم ڪارروائي، محسن سومرو قتل ڪيس ۾ 3 جوابدار گرفتار

پوليس ڪارروائي ڪري جوابدار اسامه وسان، اويس ۽ مصدق چنو کي گرفتار ڪيو

واقعي ۾ ملوث وڌيڪ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ مختلف هنڌن تي ڇاپن جو سلسلو جاري

خيرپور(ڊ ر) خيرپور پوليس جي اهم ڪارروائي محسن سومرو قتل ڪيس ۾ 3 جوابدار گرفتار ڪيا ويا آهن ايس ايس پي خيرپور ڪيپٽن (ر) امير سعود مگسي جي خاص هدايتن تي خيرپور پوليس اهم ڪارروائي ڪندي مقتول محسن سومرو جي قتل ۾ ملوث ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي ايس ايڇ او ٿاڻي شهيد مرتضيٰ ميراڻي سيد اظهر علي شاه ۽ سندس

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ۾ ڪيريا برادري جي سيڪشن پوليس جي ناانصافين خلاف احتجاجي مظاهرو

ٽنڊوالهيار(ڊ ر) ٽنڊوالهيار جي ڳوٺ مهرو ڪيريو جي رهواسي ڪيريا برادري پارن ٻي سيڪشن پوليس جي ناانصافين خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ٻلڙي شاهه ڪريم پرسان ٻن معذور ڀائرن جا گهر باهه ۾ سڙي خاڪ

ڳوٺ محمد عارب سليو ۾ اوچتو باهه لڳڻ سبب ٻنهي خاندانن جو سمورو الهه تلهه سڙي ويو

گهر جو سامان، موٽرسائيڪل، هٿ ٻسترا، اناج، ڪپڙا ۽ کاڌ خوراڪ سميت زندگي جي جمع پونجي تباهه

ٻلڙي شاه ڪريم (ت ر) ٻلڙي شاه ڪريم جي ريد سنڌي ڪينال فارم پرسان ڳوٺ محمد عارب سليو ۾ دل ڏکوئيندڙ واقعو پيش آيو جتي ٻن معذور ڀائرن سڪندر علي ولد مير حسن سليو ۽ واحد بخش ولد مير حسن سليو جي گهرن کي اوچتو باهه لڳڻ سبب سندن گهرن جو سمورو الهه تلهه سڙي خاڪ ٿي ويو باهه جي شعلن ٻنهي غريب خاندانن کان گهر جو سامان موٽرسائيڪل هٿ ٻسترا ڪپڙا ۽ کاڌ خوراڪ سميت زندگي جي جمع

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5



جيڪب آباد: گرفتار ٿيل جوابدار پوليس جي حراست ۾ بيٺل آهن

ٺري ميرواهه: جوڳي برادري جو اڳواڻ ۽ محمد عرس جوڳي لاڏاڻو ڪري ويو

ٺري ميرواهه (ن ع) جوڳي برادري جو اڳواڻ ۽ ريٽائرڊ آبڪاري انسپيڪٽر محمد عرس جوڳي 80 ورهين جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪري ويو مرحوم جي جنازي نماز سيلارجا پرسان اباڻي ڳوٺ درگاهه ٽانگو دفتري ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ علائقي جي سياسي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي ۾ 54هين ساليانو جشن عيد ميلادالنبي ﷺ جي سلسلي ۾ شاندار جلسو

مدرسه غوثيه فريديه مسجد نور ۾ منعقد ٿيل جلسي دوران 10 حافظن جي دستاربندي ڪئي وئي

علماءِ ڪرام ۽ نعت خوانن جي وڏي انگ ۾ شرڪت، بارگاهه رسالت ﷺ ۾ نعتيه ڪلام پيش

گهوٽڪي(ن ع) گهوٽڪي مدرسه غوثيه فريديه مسجد نور گهوٽڪي جي مهتمم مولانا مفتي قاري محمد طاهر سعيدي پاران 54 هين ساليانو جشن عيد ميلادالنبي ﷺ جي سلسلي ۾ شاندار جلسو منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ 10 حافظن جي دستاربندي پڻ ڪئي وئي جلسي ۾ سيد امام الدين شاه جيلاني سيد عاشق رسول جيلاني سيد زاهد علي شاه بخاري مولانا محمد علي جت حسيني مولانا ڪليم الله سعيدي مولانا عبدالعزيز مهر سڪندري

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

موري پرسان خوفناڪ روڊ حادثو، هڪ ئي گهر جا 2 نوجوان فوت

ڳوٺ ٽيپال سولنگي وٽ تيز رفتار ڪار ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر، 35 ورهين جو اظهر ڏاهري موقعي تي فوت

سخت زخمي نور نبي ڏاهري کي نوابشاهه منتقل ڪيو ويو، اسپتال پهچڻ کان اڳ وڌيڪ رت وهڻ سبب دم ڏئي ڇڏيو

ٻنهي نوجوانن جا لاش ڳوٺ پهچڻ تي ڪهرام، فوتي چاچو ۽ پاڻيڙو هئا، ڪار ڊرائيور حادثي بعد فرار

مورو (ن ع) مورو پرسان ڳوٺ ٽيپال سولنگي وٽ خوفناڪ روڊ حادثو هڪ ئي گهر جا 2 نوجوان فوت گهر ۾ ڪهرام مورو پرسان ڳوٺ ٽيپال سولنگي وٽ تيز رفتار ڪار ۽ موٽرسائيڪل وچ ۾ خوفناڪ ٽڪر جي نتيجي ۾ ڳوٺ مقيم ڏاهري جا رهواسي هڪ ئي گهر جا نوجوان 2 نوجوان فوت ٿي ويا حادثي جي نتيجي ۾ 35 ورهين جو نوجوان اظهر ڏاهري موقعي تي فوت ٿي ويو جڏهن ته ٻيو 30 سال نوجوان نور نبي ڏاهري سخت زخمي ٿي پيو وارثن موجب شاهپور جهانيان اسپتال ۾ زخمي کي بروقت طبي امداد نه ملڻ سبب ڪيس ڳنڀير جوڳي حالت ۾ نوابشاهه منتقل ڪيو ويو ۾ وڌيڪ رت وهڻ سبب نور نبي ڏاهري نوابشاهه اسپتال پهچڻ کان اڳ ئي فوت ٿي ويو نوابشاهه اسپتال جي ڊاڪٽرن پڻ نوجوان جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي هڪ ئي وقت ٻن نوجوانن جا لاش ڳوٺ پهچڻ تي وارثن ۾ ڪهرام مچي ويو

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5



ميرپور ماٿيلو: ڳوٺ مير خان ويسر ۾ خودڪشي ڪندڙ زال مڙس جا لاش واقعي واري هنڌ پيل آهن

لاڙڪاڻي ۾ آزادي فٽبال ٽورنامينٽ ۽ ميگا ميوزيڪل نائيٽ اڄ ٿيندي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ 14 آگسٽ جشن آزاديءَ جي سلسلي ۾ ايمپائر ڪاڻن جي يونين ڪميٽي 2 طرفان آزادي فٽبال ٽورنامينٽ ۽ ميگا ميوزيڪل نائيٽ اڄ شهر جي ڪوٺر مل گرائونڊ تي ٿي رهيو آهي جنهن ۾ مهمان خاص ميئر ايڊووڪيٽ انور علي لهر چيئرمين يونين

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5



روهڙي جون رهواسي عورتون بااثرن خلاف احتجاج ڪندي

گيچاڻي ۾ معمولي جهيڙو غلط رنگ ڏيڻ تي وڏو منشي بدلي

گيچاڻي ۾ مگسي ڌرين وچ ۾ معمولي جهيڙي، هڪ ڄڻو معمولي زخمي

ايس ايڇ او جي صحيح جاچ سان ڇڪتاڻ واري صورتحال ٽري وئي، ڦر جو واقعو نه ٿيڻ جي تصديق

گيچاڻي (ن ع) گيچاڻي پرسان 75 موري وٽ گيچاڻي ۽ مگسي ڌرين جي ٻن ڌرين منتظر گيچاڻي ۽ زبير مگسي وچ ۾ معمولي ڳالهه تان جهيڙو ٿي پيو جهيڙي ۾ هڪ ڄڻو زبير مگسي معمولي زخمي ٿي پيو جنهن بعد گيچاڻي ٿاڻي جي وڏي منشي حسن مگسي پنهنجي سڱت زبير مگسي جي جهيڙي واري ماسري کي موٽرسائيڪل ڦر ۽ حملي جو غلط رنگ

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد سي آءِ اي پوليس اختر چانڊيو قتل ڪيس جا مک جوابدار گرفتار ڪري ورتا

سي آءِ اي، شاهين فورس ۽ آءِ ٽي پوليس جي گڏيل ڪارروائي ۾ جوابدار حسين بروهي ۽ دين محمد جکراڻي گرفتار ڪيو ويو

گرفتار جوابدار حسين بروهي جو اختر چانڊيو کي ڪار اندر گولين هڻي قتل ڪرڻ جو اعتراف

اختر چانڊيو کي مبينا بليڪ ميلنگ ۽ "غيرت" جي معاملي تي قتل ڪيو: جوابدار حسين بروهي

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد ۾ 3 ڏينهن اڳ قتل ٿي ويل نوجوان اختر چانڊيو جي قتل ڪيس جي مک جوابدار حسين بروهي ۽ دين محمد جکراڻي کي سي آءِ اي پوليس جي انچارج عمرالدين ٻنگلاڻي شاهين فورس جي انچارج طارق ترين آءِ ٽي انچارج عامر چانڊيو ۽ پوليس پارٽي سان گڏجي پنهنجي بهترين حڪمت عملي سان گرفتار ڪري ورتو آهي گرفتار جوابدارن کي سٽي ٿاڻي تي لاڪ اپ ڪيو ويو آهي ان سلسلي ۾ گرفتار جوابدار حسين بروهي صحافين کي ٻڌايو ته نوجوان اختر چانڊيو سان نازيبا حرڪت ڪئي ۽ منهنجي ويڊيو رڪارڊ ڪئي ۽ بعد ۾ سون کي ان ويڊيو ذريعي بليڪ ميل ڪندو رهيو جنهن تي آئون ڪيس رڪيو پر هو منهنجي نه ٻڌي ۽ بعد ۾ سان پلاننگ ڪري ان کي صبح سوير نيرن ڪرڻ جي بهاني سان گهرائي ڪار اندر گولين هڻي

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

پمز اسپتال واقعي کانپوءِ گمس سٽي اسپتال گمبٽ ۾ فائر سيفٽي انتظامن جو جائزو

صحت واري وزير عذرا پيچوهو جي هدايت تي ڊي سي خيرپور ميرس جو ٻارن جي وارڊن جو دورو

ايمرجنسي نڪرڻ جي رستن ۽ حفاظتي انتظامن بابت اسپتال انتظاميا پاران بريفنگ

گمبٽ (رپورٽ: مريد ڏاتوري) ڊپٽي ڪمشنر خيرپور ميرس الطاف احمد چاچڙ گمس سٽي اسپتال گمبٽ جو دورو ڪري انتظامن جو تفصيلي جائزو ورتو ان موقعي تي گمس اسپتال گمبٽ جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي ۽ ٻارڙن جي ماهر ٻارن واري وارڊ ۾ فائر سيفٽي ۽ ايمرجنسي

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5



ڪنڊڪوٽ: پراڻي تڪرار تان قتل ٿيل نوجوان جو لاش

ڪوٽڙي ۾ پوليس ڪارروائي، منشيات هٿ، 3 جوابدار گرفتار

خدا جي بستي ٿاڻي جي پوليس جو ڪارروائي ڪندي جوابدارن کي سوگهو ڪيو

جوابدارن وٽان وڏي مقدار ۾ منشيات هٿ اچڻ جي دعويٰ، ڪيس داخل ڪري جاچ شروع

ڪوٽڙي (ن ع) ايس ايڇ او خدا جي بستي ذوالفقار اوڍانو ۽ سنڌس ٽيم جي وڏي ڪارروائي لڪين رپين جي منشيات هٿ 3 جوابدار گرفتار ايس ايس پي ڄامشورو جي حڪم تي ڪوٽڙي جي خدا جي بستي ٿاڻي جي حد ۾ ذوالفقار اوڍانو انچارج ٽيليگراف نڪاقت سومرو گجهي اطلاع تي منشيات سان پريل ڪار هٿ ڪئي جنهن سان گرفتار جوابدارن جي

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

گمبٽ نامعلوم هٿياربند فائرنگ ڪري نوجوان کي مرڻڪ ڪري فرار، اسپتال منتقل

گمبٽ (ت ر) گمبٽ شهر جي مشهور درگاهه ريجهه علي پرسان اسٽيشن روڊ تي نامعلوم موٽر سائيڪل سوار ڏينهن ڏٺي جو سرعام روڊ تي فائرنگ ڪري گمبٽ لڳ ڳوٺ ڪيچي واهڻ جو رهواسي منظور احمد ڪوري کي مرڻڪ ڪري فرار ٿي ويا اطلاع تي گمبٽ پوليس واقعي واري هنڌ پهچي زخمي نوجوان کي ڳنڀير جوڳي حالت ۾ گمس اسپتال گمبٽ منتقل ڪيو جتي زخمي نوجوان کي طبي امداد ڏني پئي وڃي گمبٽ پوليس موجب جوابدار فرار

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5



خيرپور: پرائمري ۽ سيڪنڊري اسڪول جا استاد اڪائونٽس آفيس جي سامهون احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪنڊڪوٽ لڳ بنگوار برادري جي ٻن ڌرين ۾ پراڻو تڪرار ٻيهر ڀڙڪيو، هڪ ڄڻو قتل

چاڪر آباد ۾ هٿياربندن استاد عبدالرشيد بنگوار جي مٿان جديد هٿيارن سان فائرنگ ڪري ڏني

گولين لڳڻ سبب عبدالرشيد جو سڱوٽ ظفر بنگوار ٿڏي تي قتل، جوابدار فائرنگ ڪندا فرار

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٽائي اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو، ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي

ڪنڊڪوٽ (ڊ ر) ڪنڊڪوٽ لڳ ٻي سيڪشن ٿاڻي جي حد چاڪر آباد ۾ بنگوار برادري جي ٻن ڌرين ۾ پراڻو تڪرار ٻيهر ڀڙڪيو نتيجي ۾ گولين لڳڻ سبب استاد عبدالرشيد بنگوار جو سڱوٽ ظفر پٽ گول بنگوار ٿڏي تي قتل ٿي ويو بنگوار برادري جي مٿان جديد هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا اندڌاڌند فائرنگ ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ جا هٿياربند فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويا اطلاع پوليس کي ڏنو ويو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش ڪٽائي اسپتال پهچايو ويو جتي مقتول نوجوان جي لاش

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5



سيوهڻ: نصيرآباد واسين جو پوليس ۽ مخالف ڌر خلاف احتجاج

فيصل گلزار پتو قتل ڪيس جي جاچ لاءِ 8 رڪني پوليس ڪميٽي قائم

ڊي آءِ جي سکر رينج ناصر آفتاب پاران نوٽيس، ايس ايس پي خيرپور امير سعود مگسي ڪميٽي جو سربراهه مقرر

اصل جوابدارن جي گرفتاري، قتل ۾ استعمال ٿيل هٿيار هٿ ڪرڻ ۽ ٽيڪنيڪل ثبوت گڏ ڪرڻ جون هدايتون

خيرپور(ڊ ر) خيرپور پرسان قتل ٿيندڙ فيصل گلزار پتو قتل ڪيس جي جاچ لاءِ 8 رڪني ڪميٽي قائم تفصيل موجب خيرپور ضلعي جي ڪوٽڏيجي ٿاڻي جي حد ۾ ڦر جي مبينا ڪوشش دوران قتل ٿيل انجنيئر فيصل گلزار پتو ۽ زخمي ٿيل سندس دوست دانيال پٽي واري واقعي جو ڊي آءِ جي سکر رينج ناصر آفتاب نوٽيس وٺندي 8 رڪني پوليس ڪميٽي قائم ڪري ڇڏي آهي جاري ڪيل حڪم نامي موجب ڪميٽي جو سربراهه ايس ايس پي خيرپور امير سعود

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

ٻيرلو ۾ شهيد رينجرز اهلڪار شاهنواز علي نائچ جي جنازي نماز ادا

جنازي نماز ۾ رينجرز آفيسرن ۽ جوانن سميت سوين ملڪ مائٽن ۽ علائقي واسين جي شرڪت

شهيد ٿيل اهلڪار کي اباڻي قبرستان ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو

خيرپور(ڊ ر) ٻيرلو ۾ شهيد رينجرز اهلڪار شاهنواز علي نائچ جي جنازي نماز ادا ڪرڻ کان بعد سندس مٽي مٽيءَ ماءِ حوالي رينجرس اهلڪارن سميت سوين ملڪ مائٽن ۽ علائقي واسي نماز جنازا ۾ شريڪ ٿيا تفصيل موجب آزاد ڪشمير ۾ روڊ ڪليئرنس آپريشن دوران شهيد ٿيل خيرپور جي علائقي ٻيرلو واسي رينجرز اهلڪار شاهنواز علي نائچ جي جنازي نماز ٻيرلو جي پنائي پارڪ ۾ ادا ڪئي وئي جنازي نماز ۾ پاڪستان رينجرز فورس جي آفيسرن ۽

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ مبينا پوليس مقابلو، هڪ جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار 2 فرار

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم جي بي سيڪشن ٿاڻي جي پوليس مجيد رستي وٽ مبينا پوليس مقابلي دوران هڪ جوابدار کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري سنڌس قبضي مان ٽي ٽي پستل هٿ ڪري ورتي جڏهن ته سنڌس ٻه ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا پوليس موجب بي سيڪشن ٿاڻي جو ايس ايڇ او محمد حنيف مهر پوليس نفري سان گڏ معمول جي گشت تي هو ته مجيد رستي وٽ ٽن شڪي ماڻهن کي

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5



ڪڙيو گهنور: عوامي تحريڪ پاران سنڌ دريائن جي سازش ۽ وسيلن تي قبضن خلاف احتجاجي ريلي جو ڏيک

خيرپور زرعي ڪاليج ۾ معياري تعليم ۽ جديد تحقيق کي فهلي ڏيڻ جي ضرورت آهي: ڊي سي

شاگردن کي سائنسي سوچ، جديد ٽيڪنالاجي ۽ عملي مهارتن سان ليس ڪرڻو پوندو: الطاف سيال

موسمياتي تبديلي، پاڻي جي کوٽ ۽ خوراڪ جي تحفظ جهڙن مسئلن لاءِ تحقيق ۽ عملي تربيت کي تعليم سان ڳنڍڻ ضروري آهي

خيرپور(ڊ ر) سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر الطاف علي سيال چيو آهي ته خيرپور ڪاليج آف ايگريڪلچر اينڊ مئنيجمينٽ سائنسز ۾ پيشيورانه صلاحيتن سان ليس ڪري ضرورت آهي جيئن شاگردن کي قومي ترقي عالمي سطح تي ايرنڊ چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ علمي سائنسي سوچ ۽ معياري تعليم جديد تحقيق جدت ۽ سگهجي هن اهڙن خيالن جو اظهار ڪاليج عملي سگها کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5



بدين: پريس ڪلب ۾ عورتون ميڊيا آڏو احتجاج ڪندي

ٽنڊو آدم لڳ موٽرسائيڪل ۾ برقعو ڦاسڻ سبب 3 ڄڻا زخمي، اسپتال منتقل

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم جي فوجي موڙ وٽ موٽرسائيڪل جي ٽائر ۾ برقعو ڦاسڻ سبب عورت طاهره سنڌس مڙس جاويد ۽ 3 سالا پٽ اويس ڪري زخمي ٿي پيا جن کي علاج لاءِ تعلقي اسپتال ٽنڊوآدم آندو ويو جتي سنڌن حالت سڌرندڙ ٻڌائي وڃي پئي.

خيرپور اڪائونٽس آفيس ۾ مبينا ڪرپشن خلاف استادن جو احتجاجي ڌرڻو

پرائمري ۽ سيڪنڊري اسڪولن جي استادن ۽ فيميل ٽيچرس اڪائونٽس آفيس آڏو احتجاج ڪيو

مختلف جائز ڪمن جي عيوض مبينا طور 20 سيڪڙو ٽائيم رشوت ورتي وڃي ٿي: مظاهرين

خيرپور(ڊ ر) خيرپور اڪائونٽس آفيس ۾ مبينا ڪرپشن خلاف استادن جو احتجاجي ڌرڻو جي اڳواڻي گسنا اڳواڻ مقصود مهيسر خير محمد سومرو مختيار سولنگي حما ناڻ فرزانه ارم ۽ ٻين ڪئي ان موقعي تي مظاهرين اڪائونٽس آفيس ۾ مبينا ڪرپشن خلاف سخت نعريبازي ڪئي مظاهرين جو چوڻ هو ته خيرپور سوين استادن ۽ فيميل ٽيچرز اڪائونٽس آفيس جي سامهون احتجاجي ڌرڻو هنيو

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

روهڙي ۾ عورت جو ڏيڙ ۽ ٻين بااثر ماڻهن خلاف احتجاج، تحفظ ۽ زمين تان قبضو ختم ڪرائڻ جو مطالبو

سکر(بيورو رپورٽ) روهڙي جي رهواسي مسمات شبانه عامر پٺاڻ زال دوست محمد عرف عامر احمد، ڏير جي مبينا زيادتين ۽ ظلمن خلاف ٻارن سميت احتجاج ڪندي الزام هنيو آهي ته سنڌس مڙس جو ٽنڊيرو محمد اشرف عرف ڪاشف ولد مرحوم ميان احمد نائچ ايڊووڪيٽ عبدالرقيب ولد عبدالمجيب عباسي مسمات فريده زال محمد اشرف عرف ڪاشف نائچ مسمات تسليم زال عبدالمجيب عباسي ۽ ٻيا بااثر

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5



ميرپور بٺورو: گرلز اسڪول جو شاگردياڻيون ڪلاس ٻاهران پڙهائي ڪندي ۽ سهولتن جي کوٽ خلاف احتجاج

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي